

سُندر اڳناڻي

هڪ
عجيب داستان

هڪ عجيب داستان

(ٽن هڪ فصلي ناٽڪن جو مجموعو)

فربن هان
سندر ٻناڻي

٩٨٠٣٠١٥

سندر ٻناڻي

KALAKAR

ڪلاڪار

٣٠٠، هنومان نگر، ناگپور

ڪجھہ پنھنجي بابت ....

ناٽڪ يعني زندگيءَ جي ڪنھن پهلوءَ جو هوبهو
ل. ڪنھن بہ ٻوليءَ کي زنده رکڻ لاءِ ضروري آهي،
ن جي ساهت ۽ تهذيب کي زنده رکڻ. ۽ تهذيب کي
ندهہ رکڻ لاءِ سڀني کان سٺو طريقو آهي، ناٽڪ. ناٽڪ
ج جي سنڌي سماج جو ضروري جزو آهي.

جيستائين ناگپور ۾ سنڌي رنگمنچ جو سوال آهي،
هو پراڻو هوندي بہ نئون آهي. ناگپور ۾ پهريون سنڌي
ناٽڪ ۱۹۵۴ع ۾ گانڌي باغ بغيچي ۾ پيش ڪيو ويو هو
جنھن جو نالو هو ”عمر مارئي“. پر انهن ڪانپوءِ سنڌي
ڪلاڪارن ۾ اهو جذبو نہ اڀري سگهيو ۽ هو هندي
ناٽڪن جي سيوا ۾ لڳي ويا.

پر ۱۹۷۷ ۾ چوٿين اکل ڀارت سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽي
سان وري ناگپور جا ڪلاڪار جاڳيا ۽ پنجين ۽ ڇهين
اکل ڀارت سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ لڳاتار ٻہ دفعا
پهريون انعام کٽي آيا. انهن ڪلاڪارن جو رهنما هو،
”شري سندر ٻناڻي“

شري سندر ٻناڻيءَ کي جيڪڏهن ناگپور جي
سنڌي رنگمنچ جو ٻنامھ سڏيو وڃي تہ اهو وڌاءُ نہ
ٿيندو. ٽہ فصلا ناٽڪ ”ياد ڪندا“ ”هڪڙي ناٽو تہ....“
”هي ٽ پياسو من مڃھجو“ ۽ ايڪ فصلا ناٽڪ (ايڪانڪيون)
”ٽيڻ هوا“ ”سوريءَ سڏ ڪيو“ ”اونده“ ”ميونسپل
ڪائونسلر“ ”چور چور“ ”ڏينهن جا سپنا“ ”نيلام“

HIK AJEEB DASTAN
[Collection of three One-Act plays]
By: Sundar Butani

Published by:
Kishore Lalwani, on behalf of
KALAKAR, 300, Hanuman Nagar,
Nagpur.

Printed by:
Gyan Mohanani at Sindhi Printers,
L. I. G. 4, Maharashtra Housing
Board, Jaripatka, Nagpur-14. &
Smt. Mayadevi Assudani at Hema
Printers, Jaripatka, Nagpur-14

Price: Rupees Ten only

First Edition: April 1986



سوا سير ڪڻڪ

يڪ فصل ناٽڪ

ڪهاڻي: منشي پريمچند

ناٽڪڪار: سندر ٻٽاڻي، ناگپور

”ڪوڙي ٻوس“ ”هڪ عجيب داستان“ ”ٽڪـو
ٽيليفون“ سڀ هنجي محنت سان ٿي سگهيا آهـ
اداڪاري هجي، هدايتڪاري هجي يا ناٽڪ نويسـ
هن هر جڳهه تي پنهنجو رنگ ڄمايو آهي.

هي ڪتاب، ”هڪ عجيب داستان“ ناگپور مـ
شايع ٿيندڙ ٻهريون ناٽڪن جو مجموعو آهي، جنهن
ٽي يڪ فصلا ناٽڪ آهن، جن کي شري سندر ٻٽاڻ
پنهنجي قلم سان سنواريو آهي.

”سوا سير ڪڻڪ“ منشي پريمچند جي ڪهاڻ
آهي، جنهن کي شري سندر ٻٽاڻيءَ ناٽڪ جي روپ
پيش ڪيو آهي. ”ڪوڙي ٻوس“ سائين ٻوس جـ
جيون تي لکيل گيت ناٽڪ آهي. ”هڪ عجيـ
داستان“ بنگالي ناٽڪ جو الٿو آهي.

سنڌي رنگمنچ تي استري ڪلاڪارن جي ڪمـ
کي ڌيان ۾ رکي هي ناٽڪ لکيا ويا آهن. ٽنهي ناٽڪ
۾ هڪ به استري پاتر ڪونه آهي.

هنن ناٽڪن کي رنگمنچ تي پيش ڪرڻ لاءِ ڪنـ
به قسم جي اجازت وٺڻ جي ضرورت ڪونهي. رڳـ
هڪ ڪارڊ لکي اسانکي اطلاع ڏيندا ته ناٽڪ ڪٿـ
پيش ٿي رهيو آهي. ڪتاب بابت پنهنجا رايا موڪليند
ته شڪرگذار رهنداسين. بس.

– ڪشور لعلواڻي

[ڪردار ٻه، ٽي، چار، پنج، ڇهه ۽ ست، "هڪ" کي زبردستي ٽپلها ڏيندا اسٽيج تي وٺي اچن ٿا. "هڪ" جي اچڻ تي مرضي ڪانه آهي. سڀ هن کي ڇڪي وچ اسٽيج تي آڻين ٿا. "هڪ" ڏاڍي عجيب ۽ غريب رنگ سان پيهي ٿو. هو ڀڄڻ جي ڪوشش به ڪري ٿو، پر سڀ هن کي گهيري مان ٻاهر نڪرڻ نٿا ڏين ۽ پرارٿنا ٿا ڪن.]

ٻه - (سڀ سان) هي دين جا دشمن، سنسار کي دکي ڪرڻ وارا، انسان جو رت چوسڻ وارا، ~~چنڪارو~~ [جونڪارو] ڏي، چونڪارو ڏي.

سڀ - چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي.

ٻه - آڪاش هجي يا پاتال، مڙس هجي يا زال؛ سڀني کي دکي ڪري سک ڪون پوندين تون! چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي.

سڀ - چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي....

ٻه - اسان جي اندر ۾ دونهيون دکن ٿيون، جلائي ڇڏينديون لوهنجي دنيا کي؛ چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي.

سڀ - چونڪارو ڏي، چونڪارو ڏي....

هڪ - واه! چونڪارو ڏي!! ڪمال آهي!!!

منجهس ۾ صرف هڪ وڻ جي ٽڙ جو نڪر
ر ڪيل آهي، جنهن کي چبوترو، پليٽفارم
۽ ڪرسي ڪري اِستعمال ڪرڻو آهي.
ناٽڪ جي پيش ڪرڻ جو ڍنگ براهوگڪ
(Experimental) آهي.

مکيه ڪردار ڏولي اڳتامي ۽ ڪڙلي ۾
آهي. ڪٿهي ۾ زميندار اوڇڻ ۽ ڳوڇي
۾ مولين جي مالها.

ٻيا سڀ ڪردار صرف ڳوڻ بدل آهن.

سڀ - اي، اي ....

ٻه - اوهو! تون سمجهين ڇو ٿو؟

ٽي - راڄا راڻي مٿي ويا؛ انهن جون ڪهاڻيون ختم
ٿي ويون.

چار - اهڙي ڪهاڻي ڪٿ جنهن کي ٻڌي لڳ ڪنبڻي
وڃن، پڇاڙيءَ ۾ پاڻي اچي وڃي.

پنج - من ۾ پيڙا پيدا ٿئي.

[سڀ، هڪ جي ڪن ۾ ڪجهه ڦس ڦس ڪري
ٿو- وري هڪ، سڀ جي ڪن ۾ ڦس- ڦس
ڪري ٿو.]

سڀ - ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي - پائرو ۽ پاڄاڻون ...

هڪ - اي .... اي .... يار مار ڪار~~ا ٻڌندين~~. ڪارا ٻُڌنه بڻ

سڀ - معاف ڪجو، پيارا پائرو ۽ ٻڌندڙو! آڪاڻي ٽيهه -
چاليهه سال پراڻي آهي؛ عنوان اٿس ”سوا سير
ڪڻڪ“. لکيل آهي منشي پريمچند جي، اُن
کي ناٽڪ جو ويس پهرائيندڙ آهي، ناٽڪ نويس
سندر ٻڌاڻي ۽ ٻڌائيندڙ آهي، انسان جي رت
جو پياسو، خون چوسيندڙ منحوس زميندار
لوپهرام - ديوان لوپهرام، شروع ڪيو آڪاڻي.

هڪ - واهه، واهه - سڀئي واهه.

[سڀئي واهه ٿا.]

هڪ - هڪڙو ڳوٺ هو ....

ٻه - اڙي! ان ڪري نه لوڪي هٿي ڇڪي آڻدو
اٿئون.

ٽي - ها. اڄ اها آڪاڻي لوڪي ٻڌائڻي ٿي پوندي.

چار - تو انجام ڪيو هو - تنهن ڏينهن - سڀني جي
سامهون ....

پنج - اي سنسار کي دکي ڪرڻ وارا....

ڇهه - اي! انسان جو رت چوسڻ وارا....

ٻه - اي خطرناڪ ٻراڻي...

ٽي - اي منحوس ٻراڻي!

ست - جلدي ٻڌاءِ اها آڪاڻي.

سڀ - جلدي، جلدي، جلدي.

هڪ - ٻڌو ٻڌو ٻڌو - هڪڙو هو راجا....

ٻه - ڪانئيندو هو ڪاڇا....

ٽي - لاهيندو هو پسنا...

چار - پيئندو هو پاڻي، پوري ٿي آڪاڻي.
(سڀ ٽهڪ ڏين ٿا.)

چار - اها آڪاڻي ڪونه گهرجي.

پنج - اها آڪاڻي ٿي وڃي پراڻي....

ڇهه - راجا راڻي، نانو ناني، ڪاٺو دڪاڻي....

ست - نه بابا نه؛ ناهي ٻڌڻي اها آڪاڻي.

هڪ - اڇا ٻڌو نه وڃي ڪڏ پنڌو - مان وڃان ٿو. (هلڻ
شروع ڪري ٿو.)

هڪ - واهه ڙي واهه! توکي ته آڪاڻي ياد آهي.

پنج - ها ديوان، مان به ڄاڻي ويو آهيان ته زميندار
جو لالو لوڀيرام هو پيو.

ڇهه - تنهن ڏينهن آڪاڻي هلندي لوڀي لوڀي
جو جپ ڪرڻ لڳو.

ست - [اٿي] هڪ ٻه. ها، آڪاڻي اڳتي وڌايو.

هڪ - ساڌو شنڪر جي در تي آيو. ڀڳوي ڇهرو،
بدن تي پيتامبر، مٿي تي جٽائون، هٿ ۾ ٽامي
جو لوٽو، پيرن ۾ ڄاڙيون؛ اکين تي عينڪ....

ٻه - مطلب ته بلڪل ساڌو مهاتما!

هڪ - ها، شنڪر جي در تي سڌو هليو آئين. (ساڌو
ٿي) ٻم ٻم ڀولي! ٻچا، بابا ايوڌيا، ڪاشي،
جنڪپري جو درشن ڪري بدريڌام وڃي رهيو
آهي. بس چار پهر وشرام ڪري، ٽڪي روانو
ٿيڻو آهي.

ست - (شنڪر ٿي) اچو مهراج، اچو. ڌن ڀاڳ، جو هن
غريب مسڪين هاري جي در تي آيا.

هڪ - پرماتما جي در تي سڀ مسڪين آهن ٻچا. ڪير
غريب! ڪير شاهوڪار!

پنج - سنت سچ چيو.

هڪ - شنڪر ٽهڪ ڏنو. سنت جي سيوا ۾ لڳي ويو.
زال کي ڀوڄن تيار ڪرڻ لاءِ چيائين.

ٻه - ڪهڙا يارو؟
ٽي - ~~ڀڳڪين؟~~ ٻن عيدن؟
چار - ڪذاب؟
پنج - ملير؟
ڇهه - ڀڳو لوڙهو؟
ست - جوهي؟
هڪ - اوهو! ٽالي سان ڇا ڪرڻو آهي لوهان کي؟ ٻس هڪڙو ڳوٺ هو- جنهن ۾ هڪڙو هاري رهندو هو- معمولي غريب هاري! ٽالو هوس شڪر! ٻار ٻچن، زال، پاڻ سوڌو زندگي بسر ڪري رهيو هو. هڪ جوڙو ڏاندن جو، چار ڳنٽا زمين، هڪ جهوپڙي! ٻس اها هئي سندس جمع پونجي. نه ڪنهن کان ڪجهه وٺندو هو، نه ڪنهن کي ڪجهه ڏيندو هو- نه ڪنهن جي هٿين پير، نه ڪنهن جي ڪنڌين پير! ڌرم ڪرم جو ڏاڍو ڀڪو پاڪ ٻالي واڪو ڪيندو ۽ ساڌو سنت کي در تان ٻکيو ڪونه موٽائيندو.
ست - آمين!
هڪ - بلڪل.
ٽي - پوءِ ڇا ٿيو؟
چار - هڪڙي ڏينهن شام جو، سنجها جي ويل شڪر جي ور ٿي آيو هڪ ساڌو.

مَن ۾ هوش نہ مورک شنکر سوا جي بدران
ڏيندي ڏنو. شنکر مَن ۾ خوش نہ قرض مان
ڇوٽڪارو مليو.
[سڀئي اٿن ٿا.]

پنجون - قصو ڪوٺاه.

سڀ - شنکر کي ڇوٽڪارو مليو. ھلو ٻائي ھلو.
[وڃڻ لڳن ٿا.]

ھڪ - ترسو ٻائي، ترسو. شنکر کي ڇوٽڪارو ڪٿي
مليو؟ ڪڏھن مليو؟
[سڀ جڻي جو لٽي پوھن ٿا.]

ٻيو - آڪاڻي پوري ڪونہ ٿي؟

ھڪ - منھنجا دلبر! آڪاڻي اڃا ھاڻي شروع ٿي ٿئي.
(گنڀير) ڏينھن، ھفتا، مهينا گذري ويا سٺ
سال ۽ انھن سٺن سالن ۾ ٿي ويا ڪيئي ڪمال!
جيئن سنڌو ۾ پوڏ ايندي آھي ۽ چڙھن پاڻي
موت ڪائيندو آھي، انڌھن ڪناري جي زمين
۾ ڪيئن ڏارون پئجي وينديون آھن!

چار - ليئن پنھي پاڻين جي نالن ۾ ڏار پئجي وئي.

پنجون - گھر زمين جو ورھاڱو ٿي ويو.

ڇھ - اھو نہ انرت چئجو.

ٻيو - زمين جا ہہ حصا ٿيا ۽ غربت پيٽي ٿي وئي.
(وائي ٿو.)

ٻيو - (زال وانگر) هيڏانهن، گهر ۾ رڳو جهڙو آهن.
ڪڻڪ ڪونه آهي. سڀني کي جون جي روٽي
ڪيئن کارائبي؟

ست - برابر، ڪيئن کارائبي جون جي روٽي؟ ترس،
مان ڪنهن کان ڪڻڪ اڌاري وٺي ٿو اچان.

هڪ - شنڪر ڳوٺ ۾ ڪڻڪ لاءِ هٿ پير هڻي لڳو.
پر ڪنهن وٽ ڪڻڪ هجي ته ڏئيس نه! نيٺ
زميندار جي گهران کيس سوا سير ڪڻڪ ملي
وئي.

ٻه ۽ اهڙيءَ طرح زميندار شنڪر جي عزت بچائي
ورتي.

ٽي - زميندار ڀلو ماڻهو هو؛ سندس پت رکيائين.

هڪ - شنڪر جي ياءُ ساڻس جهڳڙو ڪيو....

ڇهه - هيءُ قرض ڪيئن چڪائيندين؟ ڪيئن
موٽائيندين؟ اڌارو وٺي سڀني کي کارائڻ ڪٿان
جي رٿ آهي؟ گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ مان
ڪهڙو فائدو؟

ست - تون فڪر ڇو ٿو ڪرين بابا؛ ايندڙ ٻنيءَ وقت
کيس تورو وڌيڪ اناج ڏينداسين. سمجهي وٺندو
ته ڇا جي ڪري وڌيڪ اناج ڏنو اٿئون.

هڪ - فصل جي ڪٽائي ٿي وئي. وڌيڪ اناج ڏنو
ويو پر قرض جو نالو ڪنهن ڪونه ورتو ۽ زميندار

ست - (ايندي) سائين رام رام!
هڪ - آنند آنند.
ست - سائين حڪم؟
هڪ - سپاٽي اچي پنهنجي پنج پاٽيءَ جو حساب ڪري
وڃان ٿو. ساڍا پنج من ڪڻڪ تو ڏانهن باقي
آهي ۽ تون آهين نه موٽائڻ جي وائي ناهي.
الاجي ڪهڙي ڪڍا من ۾ اٿيئي؟
هڪ - ساڍا پنج من ڪڻڪ! سائين ڪهڙي حساب ۾؟
نه مان ڪنهن کان ڪجهه ورتاڻ نه ڏنا. اوڌر
۾ منهنجو وشواس ئي ڪونهي.
هڪ - بس، انهيءَ جو قل سمجهه. ياد ڪر شنڪر، ست
اٺ سال اڳ هڪ اونداهي رات ۾ "سوا سير
ڪڻڪ" لاءِ پنڪي رهيو هئين. مان تنهنجي هن
لوڪ ۾ عزت نه بچايان ها ته سنت کي جوٺ
جي روٽي کارائي پرلوڪ ۾ ڪهڙو منهن ڏيکارين
ها؟
ست - مالڪ، ناهو وني ته نه پر بٺيءَ ۾ ڪيترا دفعا
وڏيڪ اناج موٽ توهان کي ڏنو آهي.... ۽ هاڻي
توهان ساڍا پنج من ڪڻڪ گهري رهيا آهيو!
مان ڪٿان ڏيندس مالڪ!
ڇه - ايترا جي ٻه حد ٿيندي آهي. ڪڏهن ٻه توهان
گهر ڪجهو ها ته سوا نه ڇڻا ڏيڍ سير ڪڻڪ

ٽيون - ٻن ڏڻن مان شنڪر کي هڪ ڏڻو ملندو. ٻن ڳڻتن
جي لئي ملي.

چار - ۽ ٻئي ٻه کهڙي! ٻئي ٽالي عالم وڃي رهي. ٻيهت
گدڙ لاءِ وڃاري کي مزوريءَ جو سهارو وٺڻو
پيو. (وڃي ٿو.)

پنج - پرلم جا ٻنڌڻ ۽ رت جا رشتا، ڪير جا ناتا؛ ٽٽي
پيا. هيستائين ۽ جفاڪشيءَ سان لڳايل وڻ شڪي
ٿولث ٿي ويا. شنڪر جي همت پست ٿي وئي.
(وڃي ٿو.)

[ٻه، ٽي، چار، پنج، شنڪر جي گهر جون چار
ڀتيون ڄڻن ٿا. ستت شنڪر جي رول ۾، ڇهه
شنڪر جي پٽ جي رول ۾ ۽ هڪ زميندار جي
ڪردار ۾. ٻهراڻون نيمي باهر وڃن ٿا.]

هڪ - [ٻرو ٻش ڪندي] شنڪر - اڙي او شنڪر!

ڇهه - [گهر مان ايندي] ڪير آهي؟.... زميندار صاحب،
سائين پيرين ٿو پوان.

هڪ - ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. پڻهن ڪٿي آهي؟

ڇهه - [اشاري سان] هوڏانهن، اوٻر مل جي ٻنيءَ ۾ آهي.

هڪ - [کنگهيءَ سان] ڪوٺس.

ڇهه - [سڏ ڏيندي] بابا، او بابا! زميندار سائين آيا
آهن.

ستت - [پريان سڏ اوناڻيندي] اچان ٿو پٽ، اچان ٿو.

سيٺ - مان ڪٿان آڻيندس؛ اهڙي ڪٽڪ؟
هڪ - اهو مان ڇا ڄاڻان؟ سيٺ ٽال انتظار ڪيو اٿم،
هاڻي هڪ ساعت به نه ترسندس. ڪٽڪ ڏي
يا دستاويز لکي ڏي.
سيٺ - لکائي وٺو دستاويز، لکائي وٺو. ڦاسڻ ڪانپوءِ
ڦٽڪڻ ڪهڙو. ٻه زوراور حساب ڪهڙو لڳائيندا؟
هڪ - ٻزار جي اگهه ڪان مٿو،
سيٺ - جڏهن ڏٺو آهي ته سوائيءَ جي مهرباني ڇو؟
ٻزار جي اگهه سان ئي حساب ڪريو.
هڪ - تنهنجي مرضي. (ڪاتسي ۾ حساب ڪرڻ جي
اداڪاري) پنجن پنجن سيرن جي حساب سان
سايون پنجن مڻن جا ٿيا سٺ روپيه. سرڪاري
اسٽامپ جا اٺ آنه. ٿي سيڪڙو وياج لڳندءِ.
معياد هڪ سال جي. قرض نه چڪايئه ته وياج
جو اگهه وڌي سايا ٿي سيڪڙو ٿيندءِ. لکان؟
سيٺ - لکو.
[دستاويز لکڻ جي اداڪاري؛ شنڪر جي
آڱوٺو هڻڻ جي اداڪاري؛ ٻن ڄڻن جي گواهيءَ
جو آڱوٺو هڻڻ جي ڪريا. سيٺي جو پنهنجي
پنهنجي منهن وڃڻ.]

[اونده — وري روشني] [هر ڪو پنهنجي

توهان کي سون وانگر توري ڏيون ها. انهيءَ
کري هيترا سال ماٺ کري ويٺا هئا؟ ڪڪڙ
جو بچو ڏئي هيٺر عقاب جي بچي جي گهر
کري رهيا آهيو.

هڪ - ليکو ڇو ٿو ڇورا؟ کاتو صاف صاف آهي. ڪنهن
کان به ڇڪاس ڪرائي وٺو. ڪٽڪ ڇُڪائي ناتو
ڪٽائي وڃو. نه ته اسان به قرض چڙهندو ويندو

هڪ - ڇو ٿا ڪنهن غريب کي پيڙيو. مان اهڙي
ڪٽڪ ڪٿان آڻيندس؟

هڪ - اهو مان نه ڄاڻان. هتي نه ڏيندين ته هتي آ—
ڏيندين. پرلوڪ ۾ ڏنو سود ۽ حساب چڪائڻو
پوندءِ. برهمڻ آهيان. نرڳ جي باهه ۾ پرلدين.

سٽ - ها، ها. جيڪو آهي هتي ڏيندو سائق. پرلوڪ
۾ ڇو؟ اتي لاءِ ڇو ڪنڌا پوکيان؟ پر اهڙو
ضرور چوندس ته ناحق ڪري رهيا آهيو. رائيءَ
جو جبل ڪرڻ برهمڻ کي ڇٽو سونهي. غريب جي
آه نه کٽو. پرلوڪ ۾ جواب مون کي نه، اوهان
کي ڏيڻو پوندو.

هڪ - (ٺهڪ ڏيندي) پرلوڪ جو ڏر مون کي نه ڏيکار،
شنڪر. مان برهمڻ آهيان ۽ اتي رشي منڍي به
سڀ برهمڻ آهن، منهنجي برادريءَ جا آهن.
تون پنهنجو حساب چڪتو ڪر.

پنھنجي امانت.
[نوٽ مالڪ جي چرڻن ۾ رکڻ جي اداڪاري]
ھڪ - ھون! ڪنھن کان اوڌر ڪڍيئين اٿيئي؟
سٺ - ڪنھن کان نه. سيٺن جي آسيس سان ھن سال
مزوري سٺي ملي آھي.
ھڪ - (نوٽ ڳڻي) پر ھي ته سٺ آھن! باقي پندرھان؟
سٺ - ٻن ٽن مھنن ۾ چڪائي ڇڏيندس. ھي رکو ۽
منھن جي عزت موٽائي ڏيو.
ھڪ - مطلب! بابا قرض مان لڌھن مڪت ٿيندي،
جڏھن منھن جا باقي پندرھان ڏيندي.
سٺ - ديا ڪريو بختاور! ٻيٽ پيٽون بڌي ھي
جمع ڪيا اٿم. قرض پائي پائي چڪائيندس.
ٻوٽ ڇڏي ٻچي نه نيو وڃان.
ھڪ - مان ڪجھه ڪونه ڄاڻان. اڄ کان وٺي ساڍا ٽي
سيڪڙو وياج لڳندو. باقي ھي روپيه چاھين ته
گھر کڻي وڃ، چاھين ته مون وٽ جمع ڪري
وڃ.
سٺ - جمع ڪري ڇڏيو. باقي جي به ڪوشش ڪريان
ٿو. پر مھرباني ڪري مون کي قرض مان
ڇوٽڪارو ڏيو. مان توھان کي پيرين ٿو پوان.
ھڪ - ڳالھائڻ مان فائدو؟
سٺ - مون کي ھاڻي ڇوٽڪارو ڏيو، گھڻي ٿو پريان.

پنهنجي جڳهه تي آهي]

ٻه - سچي ڳوٺ ۾ زميندار جي نندا ٿي. ٻرهمڻ ٿي
ڪري ائڏي نيچتا! پر ڪنهن کي به کلي بغاوت
ڪرڻ جي همت ڪونه ٿي. (ويهي ٿو.)

ٽي - شنڪر سچو سال سخت پورهيو ڪيو. هن وقت
کان اڳ قرض لاهڻ جو قسم کاڌو هو. (ويهي
ٿو.)

چار - گهر جي چلهه منجهند کانپوء ٻرندي هئي. ٻارڻ
ڦلن مٿ تي گذران ڪندو هو.

پنجه - ٻائيء جي چلم ڇڪيندو هو. هاڻي اها به بند
ٿي وئي.

ڇهه - بدن تان ڪپڙا به گهٽجي، قدرت جي وڳي لائين
پهچي ويا. [جهڪي ميز وانگر نهي ٿو.]

ست - سياري جي سخت سيء کي هن محنت مزوريء
جي گرميء سان برداشت ڪيو. [اسٽيج جي
ڪنڊ ڏانهن وڃي ليٽي ٿو.]

هڪ - اُن جو ڦل ڪيس مليو. سال پورو ٿيندي ٿيندي
وٽس ست روپيه جمع ٿي ويا. [ڇهه جي پاسي
۾ پالٺي لڳائي ويهي ٿو؛ ميز تي ڪجهه لکڻ
جي اداڪاري ڪري ٿو.]

ست - (شنڪر جي اداڪاري) هري رام مالڪ! وٺو

مت - (مرجهائيل) هڪ سڄو ويهه! اهڙا ته ٻئي جنم ۾
ڏيئي سگهندس. هن جنم ۾ نه.

ڪ - هون؛ پر مان ته هن جنم ۾ وصول ڪندو سانءَ.
بابا، مور پلي نه ڏي، وياج ته ڏيندين!

مت - بس هڪ پونگي آهي، هڪ ٻڍو آهي، اهي وٺو.
ٻيو مون وٽ ڇا آهي؟

ڪ - شاباس! يعني تنهن جي پور جي چاري جو ٻه
ٽيڪو مان ڪٽان؟ من؛ مون کي ڏيڻ لاءِ اڃا تو
وٽ گهڻو ئي ڪجهه آهي.

مت - مون وٽ؟

ڪ - ها، تون جو آهين.

مت - مان! (سڀني ڏانهن عجيب نگاهن سان نهاري
ٿو.)

ـــ - واه سائين، واه! ڳالهه ۾ ڪئي اٿو.

ي - اهو ئي هڪڙو اپاءُ آهي. اسان کي ٻه ڪو چارو
ڪونه آهي. مالڪ اسان کي سيوا جو موقعو ڏنو
آهي.

ـــ - ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي.

ي - ڪوبه رستو ڪونهي.

ـار - ڇوٽڪارو ڪونهي.

ـب - ٻيو ڪو اپاءُ ڪونهي، رستو ڪونهي، ڇوٽڪارو
ڪونهي.

[هڪ ڪيس لٽ ٿو هڻي. ڪجهه سيڪنڊ شانتي

ست - مان هاڻي ٿڪجي پيو آهيان. محنت مزوري
کان هاڻي نفرت ٿي پئي آهي....

هڪ - (ٽهڪ ڏيئي)

[فريز] [وري درشيه اڳتي وڌي ٿو.]

هڪ - اهڙيءَ طرح ٽي سال لنگهي ويا. زميندار روپين
جي طلب ڪونه ڪئي.

ٻه - چالاڪ شڪاريءَ وانگر هو موقعي جي تاڙ
هو. شڪار کي آگاهه ڪرڻ نه هن جي سڀاءَ جي
خلاف هو.

ٽي - پنهنجا چوسي گهڻن جي رس پيئي، ٻي جان
پڪڙين کي ڦٽي ڪري ڇڏيندا آهن.

چار - پر زميندار، توبهه! توبهه!! مٺل پڪڙين کي
ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو.

پنج - پڳوان پلو ڪريس زميندار جو.

ڇهه - قسمت جو لکيو پلا ڪنهن مٽايو آهي؟

[ٻه ٽي چار پنج ڇهه هڪ جي پٺيان قطار
بيهن ٿا. هڪ بکايل نگاهن سان "ست" کي
ڏسي ٿو ۽ دستاويز ڇڪاسڻ جي اداڪاري
ڪندي.]

هڪ - لنهن جو ڏال، ڪاٺ ڪُٽ ڪري باقي لو
هڪ سؤ والهه روپيا بيهن ٿا.

سٺ - (ڏڪٻوت ڪندي) اها ته عمر ڀر جي غلامي ٿي
زوراور.

هڪ - غلامي سمجھ يا مزوري سمجھ. روپين ڪانسواءِ
مان توکي اجو ڪندس ڪونه. چاهين ته تون
ڏي ته، ته، ته تنهنجو پٽ ڏيندو....

سٺ - نه، نه مالڪ! هو اڃا ٻار آهي. هنکي هٿ نه لايو.
منهنجو قرض آهي مان ٿي چڪائيندس.

هڪ - (ڪهاڙي اُٿي وڌائيندي) ها، ها ٻائرو، پريمچند
لکيو آهي ته شنڪر زميندار جي ٻنين لي گهاڻي
جي وهٽ وانگر وهندو رهيو. ويهه سال گذري
ويا ۽ اُنهن ويهن سالن ۾ جيڪا شنڪر سان
ويڌن ٿي، متس جيڪي وئل وهايا ويا، ساڻس
جيڪي ~~[illegible]~~ ٿيون، تن کي جيڪڏهن قلم ٺڳيون
بند ڪيو وڃي ته ڪيترا مهاڀارت ٺهي ويندا.
خير، شنڪر اُف نه ڪئي. سندس ڇپن کي
جڻ تالا لڳي ويا هوا - آڪاڻي
اڪروت جي، تاني مٽي ڇور جي - هاڻي
هلو ته توهان کي زميندار جي ڏيري لي وٺي
هلان .... هي آهي زميندار جو شاندار محل، هي
پاسي ۾ ٻورن ٻڪن جو وتاڻ ۽ گهوڙن جا طبيلا
هي سامهون اناج جا گودام ۽ هي شاهي کوهه
جتان پاڻي سندس ٻنين کي ڏنو ويندو آهي.

چار - جنهن جو لوڻ کائجي، تنهن جي سوا ڪرڻ
جهڙو ٻيو ڪهڙو پاپ!

پنج - نمڪحرامي ڪرڻ سان نرڳ ۾ وڃبو.

ست - پر.... ادل!

هڪ - ادل، ٻئي ڪنهن جي ٻنيءَ تي مزوري ڪرڻ
بدران پنهنجي ٻنين تي پورهيو ڪر پائي. مون
کي ته نه مزور گهرجن. وياج ۾ مون وٽ مزوري
ڪر، جيئن هي سڀ ڪري رهيا آهن. تني
سگهيئي ته مور به چڪائيندو رهجانءِ. جيئن
هي سڀ ڪندا آهن. هيترا روپيا مان ڪنهن
جي ضمانت تي ڏيان. ڪير آهي تنهنجو ضامن؟
آهي ڪير؟ مون وٽ ڪم ڪرڻ کانسواءِ توکي
چارو ئي ڪونهي.

ست - سائين، وياج ۾ مان مزوري ڪندس ته گهر
ڪيئن هلندو.

هڪ - هنن جو ڪيئن ٿو هلي. تنهنجي گهر واريءَ
پٽ وڏا سيا آهن. پاڻيهي پنهنجو قوت ڪندا.
باقي رهين تون، سو توکي روز اڌ سير جو ٽا
ويندا. سال ۾ پائڻ لاءِ هڪ ڪوري ڌوتي به
ڏيندو سانءِ ها، سياري لاءِ هڪ ڪنو به ملندءِ.
ٻيو ڇا کپيئي؟ ٻيا زميندار ڏهاڙي صرف هڪ
ورايو ڏيندا آهن. پر اهيءَ مان تني ڇا ٿو؟

وڏو موريو نه پٽي ڪٽي سگهي. چوماس نه ڏي
مان ٽو ڪٽي هلان نه چوٽ لڳي نه ٽون پاڻ کي
نه ڪٽي ٽئو سگهين، هي موريو ڪيئن ڪٽيندين.
(ٽئو ساهه) مون وانگر هوءِ به ڏيري ٽئي وئي
آهي. چوٽ لڳي ....

هڪ - بس ڪريو راماڻا، ڪم ڪان عار، ڳالهين سان
پيار.

ست - سائين، هڪ ڳالهه چوان.

هڪ - بڪ.

ست - سائين، ڪالهه ڪڪو نيايو ڏيئي ويو آهي نه
گهر ۾ اناج جو هڪ به داڻو ڪونهي. سڀئي ٻک
۾ پاهه ٽي رهيا آهن.

هڪ - ڪم ڪان بروءِ مفت ۾ اناج گهرجيئي! ڪالهه ڳاه
ڪٽڻ لاءِ چيو هوماڻه، تنهنجو ڇا ٿيو؟ حساب
ڪتاب ڇڪتؤ ڪر نه منهنجو پنڊ ڇٽي.

ست - (وري همت هلائيندي) وهت وانگر نه وهان
اڃا ڇا ڪريان؟ الائي هن مرض مان ڪڏهن
ڇوٽڪارو ملندو، پرماتما...

هڪ - گدؤ، پؤسو ٻهڙي ويو؟

ٻ - ها سائين.

هڪ - مولي، هيرو ڪاڏي ويو؟

ٽي - ان ڏراڻڻ ٽي آهي، مالڪ.

۽ ها ... هنن کي سڃاڻو- هي آهن وياج ۾ وهندڙ
جانور، سندس عمر ڀر جا غلام- زر خريد ٻانها.
[۽ مٿيءَ کي ڪٽي، ڪرڻي سان نوڪريءَ ۾ ڀري
نوڪري ننڍين جي مٿي لي رکڻ جي اداڪاري
ڪري ٿو. ٻيون ور ور نوڪري اسٽيج جي
ڪنڊ وٽ خالي ڪري اچي ٿو. چار ۽ پنج ۽
ڇهه ٻنيءَ مان سلا ڪڍي پوکڻ جي ڪرڻا جي
اداڪاري ڪن ٿا ۽ ست لڪڙي ڪان ڇوڏا لاهڻ
جي اداڪاري ڪندي نظر اچي ٿو.]

هڪ - زميندار ٻڍو ٿي ويو آهي پر سندس ٺڪي
اچا ڄڻن جو لهڻن آهي. سندس سڀاءَ ۾ شيطاني
پاڻ وڌي وئي آهي. زبان جا هنٽر هلائي غلامن
کان وياج وصول ڪري رهيو آهي. شنڪر ٻه-
ٻڍو ٿي ويو آهي، ڇيلهه ڇڏي ٿي وئي اٿس،
اڪثر بيمار گذاريندو آهي........

ست - (ٻڍاپي جي کنگهڪار، ڪم روڪي، ٻيڙي
ڪڍي ڇڪڻ جي اداڪاري - وري کنگهڪار)
ماڇيس نه ڏجانءِ.

ٻه - ڪيئن ڀائي، گهر جو ڪو سماچار.

ست - ڪالهه ننڍي ڪوه لي ٻارو گڏي هئي. ٻاٽيءَ جو

وٺ، اچا جانورن جو چارو ۽ ڏاهڙو اٽيئي.

[سٺ کھاڙي کڻي ٻنڊ تي وار ڪرڻ جي
اداڪاري ڪري ٿو.]

هڪ - زور سان، اچا زور سان. هڻ ڳنڍيو وٺ حرامي!
زور سان، اچا زور سان هڻينس. الهيءَ ڇيڙ ۾
هڪ ڏڪ پيو....

[سٺ کھاڙي هلائيندي هلائيندي ٿڪجي
ٿو پوي. سنڌس هٿ مان کھاڙي ڇڏائجي ٿي
وڃي. هو ٻچاڙ ڪائي هيٺ ڪري ٿو ۽ سنڌس
پراڻ پکيڙو پرواز ڪري اڏامي ٿو وڃي.]

هڪ - اڙي اٺ ڙي ٻوڙنگي، هلاءِ هٿ. بس هڪ ٻه
وار ۽ پوءِ لنڊا ننڍا ڇوڏا ڪري وٺ. اچا
ڪيترو ڪم پيو آهي. (لت) اڙي اٿ.

[هيٺ جھڪي ڪيس ڏسي ٿو.]

هڪ - رام، رام، رام. هي ته مري ويو. ڪمبخت کي
اڄ ئي مرڻو هو. هاڻي ڪانيون ڪير ڏاريندو؟

[سپ شنڪر جي ارد - گرد]

پ - شنڪر ته سچ پچ مري ويو.

هڪ - ته مون کي ڇا ٿو ڏسين. وڃي سنڌس وڏي
پٽ کي وٺي آ.

پ - ها.... (ڇھ ڪي) ٻاٻا گذاري ويو، ڏاڍو سٺو ماڻهو
هو. عمر ڀر ڪنهنجو احسان ڪونه ڪنيائين.

هڪ - دادُو سپاهي مڪئيءَ جي ٻنيءَ ۾ پوکائي آهي،
انهيءَ ڪري ٻه ورن جو چارو اڄ تيار ڪري
وٺ، سپاهي فرصت ڪونه ملندءِ. شنڪر کي
هٿ وٺائڻ لاءِ چئجانس.

چار - ٺيڪ آهي سائين! ٻڌءِ شنڪر.

ست - اهڙو چارو هڪ رات ۾ ڪيئن ٿاهي سگهبو.
طبيعت بہ ذرا ناساز آهي؛ مالڪ!

هڪ - هينئنت تنهنجي (پوندو ڏٺيس ٿو) وڏهن سالن ۾
مُور جي هڪ پائي ڪونه چڪائي اٿيئي ۽ هلڻو
آ مڙس، ٻٽ ڪرڻ. توکان پوڙهيو نٿو ٿئي تہ
پينشن وٺ ۽ پٽ کي موڪل ڪر ٿي. تنهنجي
طبيعت لاءِ مان جوابدار آهيان؟

ست - پيٽ ۾ برابر قوت هجي تہ ڪم بہ ٿئي. ٻن
قلڪن مان ڇا ٿو ٿئي حاڪم!

هڪ - واه! هنن ڪميڻن کي وڏهہ وڏهہ مالپڙا کپن، تڏهن
حرامزادا ڪم ڪندا، ڪيئن؟

پنجہ - سائين، ننڍي مالڪڻ آئي هئي. چوائين پئي تہ
هن وڏي ٻنب مان چوڏا ڪرائي ڏيو.

ڇهہ - ڪالهہ کان پيو آهي. فرصت ئي ڪونہ ٿي ملي.

هڪ - شنڪر، ڪڻ کهاڙي ۽ ڏاري وٺ هن ٻنب کي.

ست - (غيرت وچان ڏسندو ٿو رهي.)

هڪ - اڙي پوڪن وانگر ڇا ٿو ڏسين؟ جلدي ڏاري

ار - ڪڇن پاڻي.
ھ - ڇا ويھن سالن ۾ ھڪ پاڻي ۽ ا، لڌي آھي؟
ڪ - وڃاج ٿي پورو ڪوڙ ٿيو ۽ مُور کٿان ٿيندو.
سر ٽان مونٽي ٻيءَ جي جڳھ ٽي ڪم ڪرڻو
پوندو ھان، وٺ پنجھ روپيا.

[روپيا ڏيڻ کان پوءِ وڃڻ جي ڪري ٿو]

سب - ڪيڏانھن ٿا وڃو؟
ھڪ - بس آڪاڻي پوري ٿي. ھاڻي مان ھلان ٿو.

[سڀئي گڏجي پرارٿنا ڪن ٿا. سٽ ۽ اٿي
ڪري انھن سان شامل ٿئي ٿو. پر ڇھ پاسيرو
ٿي بيھي ٿو.

ب - ھي دين جا دشمن، سنسار کي دکي ڪرڻ وارا،
انسان جو رت چوُسڻ وارا ڇونڪارو ڏي،
ڇونڪارو ڏي.
سب - ڇونڪارو ڏي، ڇونڪارو ڏي.
ب - آڪاش ھجي يا پاتال، مڙس ھجي يا زال سڀئي
کي دکي ڪري سگھ لون پوئين ٿو. ڇونڪارو

ڀڳوان سندس آتما کي پنهنجي چرڻن ۾ جڳ
ڏي.

ڇهه - [اوچنگاريون ڏيئي روئي ٿو] بابا .... او بابا.

هڪ - مون ڪيترو ئي سمجهايو مانس ته لڪڙيون ڏار
جو ڪم نه ڪر - پر هو ٻڌي ڇو ٿو؟ پيدائي
مت ماريجي ويس. ڇي، اهو ڪم ڪندس ت
مان ئي ڪندس. پنهنجي ضد ۾ دنيا کي ڇڏي
رهندو رهيو.

پنج - مون ڇوڏا ڇڏڻ لاءِ چيو مانس. پاڻ سنسار ڇڏي
ويو. اٺ بابا، اٺ! پنڊت - برادريءَ وارن ک
اطلاع ڪر. ڪفن دفن جو بندوبست ڪر.

ڇهه - مان ڪٿان ڪريان ڪاڪا! مون وٽ ته دمڙي
به ڪونهي.

ٻيو - ٻنداور، ڪريا ڪرم لاءِ ڪجهه روپيه ڏيوس
ٿو.

هڪ - مون وٽ ڇا ٿو ٿئي جا انبار لڳا پيا آهن،
ڇنيءَ کان وٺي مرڻي تائين وٺو ٿو مٿ هلايان
اڃا تائين شنڪر جي مٿان ١٢٠ روپيه قرض
آهي. وشواس نه هجي ته دستاويز ڏيکاريان ٿو.

ٿيو - ٥ روپيه پيا ٻه. جملي ١٢٠ آئي ١٢٥.

هڪ - آهي ته مان ڏيندس پر پهريون هڪ سئو ويه
جو نه فيصلو ته ڪريو.

هستي. ظلم جو جواب؟

سڀ - بغاوت!

ڇهه - ستم جو جواب؟

سڀ - بغاوت!

[ٻ، ٽي، چار، پنج ۽ ست پنهنجي طاقت جو اظهار ڪن ٿا، جنهن کي ڏسي هڪ ڀڄڻ جي ڪري ٿو. پر سڀ ڪيس گهيري وٺن ٿا ۽ لتڙيءَ لي انهن ڏينس ٿا.]

[پردو ڪري ٿو]

ڏي، ڇوڪارو ڏي.

سڀ - ڇوڪارو ڏي، ڇوڪارو ڏي.

پهريون - اسان جي اندر ۾ دونهون دکن ٿيون. جلائي
ڇڏينديون لهنجي جهان کي. ڇوڪارو ڏي
ڇوڪارو ڏي.

سڀ - ڇوڪارو ڏي، ڇوڪارو ڏي.

(ڇهه ۽ جيڪو هيل تائين پاسيرو بيٺو هو، هاڻي
اڳتي وڌي حاضرين جي سامهون اچي ٿو.

ڇهه - بس بند ڪريو اها بڪواس. پرارٿنا سان ڇوڪارو
ڪونه ملندو. نعرن - نعرن سان ڇوڪارو
ڪونه ملندو. پرارٿنا سان بيک ۾ ڪونه ٿي ملي
سو حق ڪٿان ملندو؟

غلاميءَ جو شڪنجو مضبوط ٿي رهيو آهي. زمانو
بدلجي رهيو آهي ۽ رت چوسڻ جا طريقا
رت چوسڻ طريقا به بدلجي رهيا آهن. پر غلطي
غلطي اها ئي آهي. غلاميءَ جي ~~زنجيرن~~ کي
هن غلاميءَ جي ~~زنجيرن~~ کي پرارٿنا جي ڪاغذن
سان نه پر بغاوت جي تلوار سان ڪٽيون پوند
رت جي نديءَ ۾ وهائي ڇڏڻي پوندي هن
مفتخورن جي مستي، سرمائيدارن جي ٺڪي
مٿائي ڇڏڻي پوندي هن رت چوسيندڙن جي

ٻيوس

سپرسد شاعر سائين ڪشن چند "ٻيوس" جي جيون لي

يڪ فصلي ناٽڪ



ليکڪ: سندر ٻناڏي



"هجيئي ناٽو ته..." ناٽڪ ۾ آشا سڌاڻي، ڳرمک ونواڻي ۽ هريش مائيداساڻي

ڪميٽري: سنسار روپي چمن ۾ وڻ ٽڻ آهن، گل ٻوٽا
به، نه گاهه ۽ ڪنڊا به. صرف گل هجن ته
هونئن قدرت نه هجي ۽ فقط ڪنڊا هجن ته
چمن نه سڄي ٻو.

اهو ئي سبب آهي جو جڳ ۾ هر قسم جا
انسان آهن. ڪي گلن مثل، ڪي گاهه مثل
ته ڪي وري ڪنڊا.

اهو به عجيب راز آهي ته گل ٿورا آهن ۽
گلن ۾ به سڳنڌ وارا ورلي.

۽ انسان جو ڪوي ڪشنچند "بيوس" انهن
گلن مان هڪ هو، جنهن نه رڳو جيئري
سرهاڻ ڏني؛

پر،

پر ديهه ڇڏڻ بعد به سنڌس جيوت جي
سڳنڌ جاري آهي.

انهيءَ سنڌ جي سرمور شاعر جي جنم-
شتابدي جي موقعي تي اڄ جي شام اوهان
حاضرين جي خدمت ۾ پيش آهي، هڪ
خاص رچنا......

"بيوس"

سنڌ جي سرمور شاعر سائين ڪشنچند "بيوس"
جي جنم شتابدي جشن جي موقعي تي تاريخ ٧-٤-١٩٨٤
"ڪلاڪار" طرفان ناگپور جي منچ تي ليکڪ-هدايتڪار
سنڌر ٻتائي هي نانڪ پيش ڪيو.

نوٽ ١: هن رچنا ۾ سائين جي گيتن ۽ ڪويتائن جا
اهم حصا قتب آندا ويا آهن. بطور حوالي انهن
رچنائن جا عنوان ۽ ٻڻ ڪهڙي راڳ ۽ تال ۾
آهن، پيش ڪيا ويا آهن.

٢: هن نانڪ کي پيش ڪرڻ لاءِ نانڪ ڪلا جي
هر فن جو استعمال ڪيو ويو آهي. مثلن:
اداڪاري، مائيم (Mime)، ٽئبلو (Tableau)،
گيت سنگيت، نرتيه وغيره.

٣: هن رچنا کي پيش ڪندي هڪ تجربو ب..
ڪيو ويو. ٽن جدا-جدا اداڪارن ذريعي
سائين جن جي ٽن جدا جدا اوستائن کي منچ
تي پيش ڪيو ويو. سائين جن پندرهن-
سورهن سالن جي عمر ۾، اناويهن-ٽيهن جي
عمر ۾ ۽ ائيتاليهه-پنجاهه جي عمر ۾.

مطلب اهڙو ئي آهي - ڇو جو اهو اسم پيش ڪرڻ
واري ڪلاڪار کي ۽ اها ڄاڻ ڪونهي ته ڪيس
اهو اسم پيش ڪرڻو آهي. مان جوتشي يا نجومي
ڪونه آهيان پر هن ڪلاڪار جي باري ۾ مان
داعوي سان چئي سگهان ٿو ته هو ڪنهن ڏينهن
عاليشان ۽ نامور شاعر ٿيندو.
هو هن اسڪول جو شاگرد آهي، منهنجو شاگرد
آهي. ۽ مان فخر سان اُن شاگرد کي حڪم ٿو ڏيان
اُن اُپرنديڙ شاعر کي عرض ڪندس ته هو هيٺي
مٿي اچي، هن پليٽفارم تان توهان سان روح-
رهاڻ ڪري.
دوستو، اُهو ايندڙ وقت جو شاعر، لڪل لعل
آهي - ڪشن ليرتداس ڪتري...
[سنگيت، اسپاٽ لائيٽ، درشڪن ۾، ٽڙ ڳن،
مهمانن ۽ شاگردن جي وچ ۾ ويٺل "ڪشن"
مٿان پوي ٿي. نديءَ ٿهيءَ جو ١٥-١٦ سالن
جو ڇوڪر اُٿي بيهي ٿو ۽ آهستي - آهستي
هلندو اسٽيج تي چڙهي ٿو ۽ هڪدم ماستر
صاحب کي پيرين پوي ٿو پر ماستر صاحب
کيس ڦري ۽ سڪ مان ۽ پنهنجي هيانو سان
لڳائين ٿا...]
ڪشن - (دل ڀرجي آئي انس) سائين!

[سنگيت]

"پوس"

[سنگيت جاري آهي، آهستي آهستي پردو
کلي ٿو. منچ تي اسپاٽ لائيٽ جي روشني
جي دائري ۾ هڪ بزرگ نظر اچي ٿو
پاسي ۾ هڪ ننڍي ميز جنهن تي گلدستو
۽ هڪ ٻه هار رکيا آهن. پاسيرو هڪ
اسٽينڊ تي ديوي سرسوتي ۽ جهولي لعل
جون تصويرون جن تي هار چڙهيل آهن
۽ اگربتيون هلڪي خوشبوء ۽
دونهون ڦهلائي رهيون آهن. بزرگ جي
چهري تي هلڪي پر گهري راز ڀري
مشڪ آهي.

بزرگ- معزز دوستو، مائٽون ۽ ڀينرون! هيل تائين
اسان جي اسڪول جي ساليانې جشن جا اسر
اوهان صاحبن ڏٺا ۽ انهن جو تاڙين سان سواگت
ڪيو ۽ ڪلاڪارن جي حوصلي افزائي ڪئي،
مان اوهان سڀني جو شڪرگذار آهيان، ٿو رائتو
آهيان. اڄ جي هن جلسي ۾، هن جشن ۾، مون
اوهان صاحبن لاء هڪ خاص اسم هيل تائين
بچائي رکيو آهي، جنهن اسم جي جاڻ صرف
مون کي آهي، ۽ صرف مون کي سان منهنجو

گجندي گجندي،
اڇي اولهه ڪنان ڪاري گهٽا،
ساز سرلدن ساڻ وڄندي،
بادل واري گهٽا.
[ڪويتا "ڪاري گهٽا" شعر ترنم ۾ پڙهڻ]
سنگيت:
گيت: آسماني آهي سان
اڄ گل ٽڙيا گلزار ۾،
بوند باراڻي وسي،
پر مغز آئي مهڪار ۾؛
آسماني ....
مينهن جي ماندار ڪان،
سارا چمن چاندار ٿيا،
قـوه ۾ گـل قـل قٽي،
پيٽڙا ڪلي هر تار ڪڙو ۾
آسماني ....
روح کي راحت رسي،
اڄ ڪازگي چوڏس ڏسي
هير دل کي هر گهڙي؛
خوش ٿي ڪري خنڪار ۾
آسماني ......
[ڪويتا "برسات" راڳ: باگيشري تال: دادرا]

ماسٽر- ڪجهه پڙهه پٽ، ڪجهه پڙهه.

ڪشن- سائين! مان ... مان !

ماسٽر- مان سڀ ڪجهه ڄاڻان ٿو پٽ، سڀ ڪج
ڄاڻان ٿو. مون تنهنجو شعر پڙهيو آهي، اُن جي
وزن کي جاچيو آهي...

ڪشن- سائين! منهنجو شعر؟

ماسٽر- ها، تنهنجو شعر- ڪالهه رات...

[اوندهه- ڪجهه ساعتن کانپوءِ روشني - رات
جو نظارو. ڪشن ميز تي مٿو رکيو، ڪرسي
تي ويٺي ويٺي ننڊ ۾ غلطان نظر اچي ٿو. پس
منظر ۾ برسات جو آواز ۽ وچ ڪنوڻ جا چمڪاٽ
سنگيت- ٿورن ساعتن کانپوءِ ماسٽر صاحب جو
هاسٽل جي هن ڪمري ۾ داخل ٿيڻ.]

ماسٽر- (مٺو هلڪو سڏ) ڪشن؛ او پٽ ڪشن.

[ڪشن مٺي ننڊ ۾ غلطان آهي. اوچتو ماسٽر
صاحب جي نظر ڪشن جي هٿ هيٺان، هڪ
ڪاغذ تي پوي ٿي. ماسٽر صاحب ڪاغذ کڻي
پڙهن ٿا. نظارو فريز- سنگيت- پس منظر ۾
برسات جو آواز، وچ جا چمڪاٽ ۽ گيت
اُڀري ٿو.]

ڪمينٽري: ڏويتا، ٻيوس جي دل جي ديوي هئي،
سندس پريتما هئي .... هيءُ اُن جو پوڄاري،
جنهن ڪري اُمنگ ۾ اچي، سڪ شردا سان
ساڻس رهاڻ ڪندو هو. هن جيڪو به رچيو
سو پوڙ پريم سان، دلي اُمنگ سان، شڀ
ڀاونا سان. اهو ئي سبب آهي، سندس شعر
۾ ڪلپنا اهڙي اُتم ۽ سندر آهي، جهڙي
سهائي- رواني اهڙي جهڙي وهندڙ نهر ۽
اهڙي مٺي جهڙي ماکي.

هن چؤطرف نظر دوڙائي قدرت جي نظارن کي
ڏٺو، سماج جي اوڻاين کي سڃاتو، امير ۽ غريب
جي وڇوٽيءَ کي محسوس ڪيو ۽ جڏهن نه ...
[منچ تي روشني - مزور ۽ هاري سخت ڪم
۾ مشغول جو ڏيکارو- پس منظر ۾ سنگيت ۽
گيت اُڀري ٿو.]

گيت: جنهنجي اصولن منجهان
قوم جو ڪلياڻ ٿئي
جڏهن جي فرياد مان
بيداد جو ورتاءُ ٿئي
جنهنجي بدحال منجهان
عام جو ايذاءُ ٿئي

[گيت جي پڄاڙيءَ ٿيندي ٿيندي اونده.
وري روشني. نظارو بدلجي ويو آهي. ڪشن
هينئر ٢٧-٢٨ ورهين جو آهي. ديوي سرسوتيءَ
جي تصوير کي پرڻام ڪري، هٿ جوڙي پرارٿنا
ڪري رهيو آهي]

ڪشن - هي ماتا سرسوتي، مون تي آسيس ڪر ته مان
تنهنجي واڻيءَ کي، عام ماڻهن تائين پهچائي
سگهان. شعر کي سماجڪ بهبوديءَ ۽ انسان
جي اخلاقي ۽ روحاني ترقيءَ جو وسيلو بڻائي
سگهان. مان نماڻو ۽ نبل، مسڪين آهيان. مون
وچاري جي سوال کي اگهاءِ ماتا. مان بيوس
تنهنجي در تي آيو آهيان.... [آسمان ڏانهن نظر
کڻي ۽ پرماتما کي چئي ٿو....]

ڪيئن لکان، ڄاڻان رڳو،
ڇا لکان، سُل تون.
ڪندس پوري بانسري،
ٿو ڪهندين ڳل تون.
پنڌ ڪرڻ مون کان پڇي،
واٽ وٺي هل تون.
ٻاجهه پريا ٻل تون،
هن ابوس ۽ اهي زور جو....

[اونده]

ڪنيو پرو پش. هڪ ٻن ڄارڻن کي هڻڻ وڃائي ٿو.
هاري اڙڦن ٿا، ٻاڏائن ٿا. فريز - منهن لئي ڳاڙهي روشني
پس منظر ۾ گيت ۽ سنگيت]

ڪميٽري: بيوس شاهوڪار شاهيءَ ۽ اتياچار خلاف
آواز اُٿاري ٿو.

گيت: لال ٿيو تنهن جو دشالو،
ڪنهنجي لوهو ڇاڻ مان؟
خون - دل ڪنهنجو ٻکي ٿو،
تنهنجي ڳل ڳاڙهاڻ مان؟
آهه، تر داماڻ - عشرت،
ڪنهن جي اک آلاڻ مان؟
ساز راحت جو وڄي ٿو،
ڪنهن جي لڙڻ لاڻ مان؟
ڪنهن ڪيو تو نرمکي کي،
مفت ڪائو مالدار؟
آهه سا غافل غريبي،
شرم شامت جو شڪار.

[ڪويتا: ”شاهوڪار“ راڳ: پهاڙي الڳ]

(اسپاٽ لائيٽ - هڪ ڪنڊ ۾ وڻهه ۾ ڪنجنڊڙ هڪ
ماڻهو پٺ لئي پوي ٿي. باقي منهن اونده ۾.)

ماٺ تنهنجيءَ مان
غضبناڪ ٿو غوغاءُ بڪي
جان جند پنهنجي جفائن ۾
پگهاري ڳاري
نه به دلاور ٿي اچا
دل نه تو هاري، هاري

[ڪويتا "هاءِ هاري" راڳُ: ڀيروي ٽال: ٽيا ٽال]

گيت: واهُ واڇُوڙي نه جوهيو
تنهن جي لوهي جان کي
اي دليو ~~ڪانئرو~~ ڪرڻ جو ڪانئرُ
ڪين دم طوفان کي

لاهه سر ڏين ڪان سياندو
نو عجب انسان کي
ٿو سگهي لوڏي نه
گرمين جو اثر ايمان کي

پل پگهر ٽمندو رهي
يا وڏ ڦڙو وسندو رهي
هڏ هاڄ ۾ گسندو رهي

[ڪويتا: "پورهيت". ڪويتا جي انداز ۾ پڙهي
ويندي. ڪويتا هلندي زميندار جي همٿ ۾ هنٽر

ڏار جي ڏونگن سان وڻ
ڇيڇون هڻن ٿا هيڄ مان
ٻن لڏن، ٽاڙيون وڄن،
پدمڻ پياري تي اچي
نيڻ درسن ...

ڪنهنجي آمد لاءِ هي،
"پيوس" جشن جلسو لڳو
غيب جي پردي منجهان
ڪهڙي ڪماري ٿي اچي
نيڻ درسن ....

[ڪويتا: "استري" ، راڳ: ڪافي ٽال: ديپچندي]

ڪشنچند - سونهن جي سوني مٽي ۾،
سرم جو مورتي جڙيو،
ڪم نزاڪتدار ٿي ويو،
وصل جي وڻجهار جو.

ڏرمپتني - ڇڏيو! ايڏي تعريف ٿهي ٿي؟
ڪشنچند - ڇو! ڇا تعريف ضرورت کان وڌيڪ هئي؟
ڏرمپتني - پيو نه نه ڇا.
ڪشنچند - نه مٺڙي! اها تعريف صرف تنهنجي لاءِ
هئي، پر هڪ آتما جي آجيان ۾ هئي. اها
پوتر آتما، جا هن سنسار جي اپائيندڙ،

دڪريتا: سخت ولهہ بـــرسات ۾،
ڪنهن رات سوڙين مان اُٿي
ڏس تہ ٻاهر ٻي اڃهن لاءِ،
وڻـل چا چا ٿـو وهي.

[اونده]

(منچ تي هلڪي روشني - ڪشنچند جو هڪ پاسي
کان اچڻ - هنجي عمر ٤٥-٤٦ جي قريب آهي. ٻئي
طرف کان ڪشنچند جي ڌرمپتني جو اچڻ - هلڪي
سنهري روشني ۾ هوءَ تمام خوبصورت نظر اچي
رهي آهي. فـريـز - پس منظر ۾ گيت ۽ سنگيت
اُڀري ٿو.)

گيت: نيـڻ درسن لاءِ ڪوليو،
شهسواري ٿـــي اچي،
دل اندر دربار لڳندي،
ذات ٻاري ٿـــي اچي
نيڻ درسن..
عطر چڪارئو پٽن تي،
بادلـن بوندون هٽي،
گـــل چٽڻ لئہ اڏ ميا؛
ٽٽندي بهاري ٿي اچي
نيڻ درسن.

به مٺورام.

ڪشنچند - واه! بلاشڪ پڇو سائين. جيڪي ڪجهه
پڇڻو اٿو، پڇو.

خاطو - (ڪاغذ پينسل کڻي) سائين اوهان جو
پورو ۽ سچو نالو، مٺورام.

ڪشنچند - (کلندي) مٺورام نه، پر ڪشن ٽيرتداس
کٽري مٺا!

خاطو - جنم جي تاريخ؟

ڪشنچند - ٢٥ فيبروري ١٨٨٥

خاطو - جنم آستان؟

ڪشنچند - سائين هجڙي ناٽو نه گهر...

خاطو - .... لاڙڪاڻو. واه سائين مان به لاڙڪاڻي
جو آهيان نه مٺورام.

ڪشنچند - واهه! واهه!]

خاطو - سائين پيشو؟

ڪشنچند - ماستري.

خاطو - اوهان شعر شاعري، ڪوٺا ڪندا آهيو.
مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته. اوهان جي
شاعريءَ تي، جيئن ڪ اڄ ڪالهه جي
شاعريءَ ۾ ڏٺو ويو آهي، فارسي ٻوليءَ جو
يا فارسي شاعريءَ جو ڪو به اثر ڪونهي،
مٺورام؛ سو چئو؟

سڀني کان ڀرين پيدا ڪئي - ۽، هونئن
۽ استري مهان آهي. استريءَ کانسواءِ مرد
کهڙي ڪم جو؟ استريءَ کانسواءِ انسان
اڌورو آهي، اڻپورو، بيڪار ...

] اخبار نويس جو پرويش]

خاطو- سائين، مان اندر اچي سگهان ٿو
منورام.

(ڌرمپتني اندر وڃي ٿي)

ڪشنچند- منورام! اچو سائين اچو، ويهو.

خاطو- سائين مهرباني.

(ٻئي ويهن ٿا.)

ڪشنچند- سائين حڪم ڪيو! ڪهڙي سيوا ڪريان
ٻڌاين ٿي، گهر ۾ مهمان آيا آهن.

خاطو- سائين منورام، ڪا به تڪليف نه ڪريو.

ڪشنچند- نه سائين، ائين ڪيئن ٿيندو! پنهنجي ريت
رواج کي، پنهنجي سڀيتا کي، هر ٿور
ني لائبي. ڪجهه جهٽ پٽ ناهي وڃڻ، ٻڌءِ
ها سائين، چئو.

خاطو- منورام! سائين مان "سماچار" اخبار
خاطو آهيان. اوهان سان ۽ پنهنجي اخبار
جي خاص پرچي لاءِ ڪجهه ڳالهه ٻولهه ڪر
آيو آهيان- شعر شاعري ڪوتا جي بار

جي ٻارن جو تعداد ٻڌائي مون کي ٻُڌڪ ٿا
ٻڌايو منو رام.

ڪشنچند - نه نه!! پلا اسڪول جا ٻار ڇا، پنهنجا شاگرد
ڇا پنهنجي اولاد کان گهٽ آهن؟

خاطـــو - خير - توهان سڀني لاءِ نه شعر لکو ٿا ڪيچ
ٻارن لاءِ به لکو نه - منو ... منو ...

ڪشنچند - اوهان کي اهو ڪيئن محسوس ٿيو ته مان
ٻارن لاءِ نه لکندو آهيان .... هي ڏسو -

[ڪشنچند جو خاطوءَ کي چوپڙي ڏيکارڻ
روشني تمام گهٽ ٿئي ٿي - اسٽيج جي
ٻئي حصي ۾ خوشگوار ماحول - پنجن ستن
ٻارن جو هڪ ٻئي پٺيان ريل ريل راند
ڪندي پروڙش. پس منظر ۾ گيت ۽ سنگيت]

ڪورس گيت : اچو ته ننڍڙي ريل هلايون
ساهه ٻوءِ ۾ دود دکايون
ڪري واڪشان واهجون وايون
ڇڪ ڇڪ پيسا ٻه ٻه پايون ...
اڳيان انجڻ ۾ صاحب ڪارو
پٺيان گارڊ ٿيو جهنڊي وارو
پونتر گهنٽيءَ لاءِ پڇايون
ڇڪ ڇڪ پيسا ٻه ٻه پايون ....

کشنچند - ڇا اهو ضروري آهي؟ مان نہ ڀانئيان اهو سـ
تو سمجهان ٿو، ڪنهن ٻراٽي ٻوليءَ جو سنڌي
شعر مٿان قبضو نہ هجي. منهنجو تہ مقصد
ئي اهو آهي تہ سنڌي شعر، جيڪو ه
وقت فارسي شعر جو ڪچو ۽ بـي ڄم
نقل آهي ۽ جيڪو هينئر ڪن سنڌي ٻو
جي ماهرن ۽ مدبرن يا تہ ڇڙجي عالمن ج
شڪنجي ۾ قيد آهي اُن کي عام فهم بڻائ
عام ماڻهن جي دائري ۾ آڻيان.

خـاطـو - يعني! يعني!! توهان پنهنجي شعر ذريع
مـاڻهن کي ڪجهہ سمجهائڻ ٿـا چاهيو
مٿو رام؟

کشنچند - نہ مٿا، بلڪل نہ. شعر يا ڪويتا جو مقصد ڪج
سمجهائڻ نہ پر ڪجهہ محسوس ڪرائڻ آهي اعـ
جذبات اُڀاري هردي کي آنند ميہ بڻائڻ آهـ

خـاطـو - ڀلا، اوهان کي ٻار گهڻا آهن مٿو....

کشنچند - .... ڪوڙ آهن، سائين منهنجا.

خـاطـو - ٿڌهن ٻہ.

کشنچند - پنجہ ست سؤ تہ واه جا هوندا.

خـاطـو - پنجہ ست سؤ!!! سائين ڊرائنگ کي
سؤ هئا .... توهان کي .... نہ نہ نہ سائين
اوهان مون سان مسخري پيا ڪيو - اسڪ

ڪو ڪو ڪندو ڪوڪٽو

ڪورس - ڦوڪي ڦاڙ نہ ڦوڪٽو ....

ڪويتا: ”ڦوڪٽو ملوڪٽو“ راڳ: بلاول تال: دادرا]

ٻارن جي نظاري تان ڦري روشني وري ڪشنچند
۽ خاطوءَ تي پوي ٿي)

خاطو - واه! واه!! ڇا تہ عمدو ٽالڪو منورام

ڪشنچند - مون خاص ڳوڙها ٻچائي، شعر جا موتي ڪيا
ڪٿ مرافي ٻارڪ وس، ڪمنجهر کهي،
ڪوڏيون کهي.

خاطو - ڇگو سائينءَ مان هلان ٿو.

ڪشنچند - اٽڪرو جلدي! ڪهڙي لڪڙ آ؟

خاطو - سائين ڊاڪٽر وٽ وڃڻو آهي.

ڪشنچند - سک تہ آهي نہ؟ ڪهڙو دک اٿو؟

خاطو - ڪجهہ خاص نہ، پر ڪڏهن سهڪو
وڏي ٿو وڃي. مغز ۾ ڪجهہ ڇڪ ۽ پڻيءَ
جي مانس - پيشن ۾ سخت سور پوندو
آهي، منورام!

ڪشنچند - پوءِ تہ سائين لڪڙ نہ ڪريو. مان ٿو اوهان
کي دوا ڏيان؛ خانداني حڪيم آهيان.

خاطو - يعني!!! توهان ماستريءَ سان گڏو گڏ
شاعري ۽ انهن سان گڏ حڪمت بہ ڪندا

اچو ته ننڍڙي ريل ......
ريل اسانجي سهڻي ڏاڍي
آهي من کي مهڻي ڏاڍي
جنهن سان گڏجي راند رچايون
ڇهه ڇهه پيسا ڀ ڀ پايون ...
اچو ته ننڍڙي ريل هلايون ....

[ڪويتا: "ريل" راڳ: ڀهاڙي مڪس تال: دادرا
[ريل جو سيٽيون هڻندي، ڀاڦ ڇڏيندي، ڇڪ ڇڪ
ڪندي اسٽيشن تي بيهڻ. گهوڙن جا آواز- وچ
ڦوڪڻي واري جو هوڪو- ريل مان هڪ ٻار
ڦوڪڻي واري کي سڏ ڏيڻ ۽ ٻارن جو ريل مان ڦر
ڪري هڪ گول گهيرو ناهي ڪلپنا جي ڦوڪڻي سا
راند ڪرڻ. پس منظر ۾ گيت ۽ سنگيت اڀري ٿو.]

ڪورس گيت: ڦوڪي ڦاڙ نه ڦوڪڻو
منهن جو آه ملوڪڻو
ڦوڪي ....
هڪ - ڦاٽي پوندو سبي نه سگهبو
ڪڏهن لٿي ۽ سان لڀي نه سگهبو
ٽڪر ڏيندي ٽوٽڻو ......
ڪورس - ڦوڪي ڦاڙ نه ....
هڪ - ڦوڪڻ سان هي گولو ٻڌندو
ڇڏي ڏيڻ سان سيٽي هڻندو

زبردست مثال پيش ڪيو آهي.

[پس منظر ۾ تاجمحل جي تصوير پڙدي تي ابري ٿي ۽ پڻ گيت ۽ سنگيت]

گيت (ترنم ۾): درد دل جي ڪان نشاني
هو جڏهن ساز محل،
شور عالم کي مچائڻ ٿي،
هو آواز محل؛
دار دنيا مان نباهڻ ٿي؛
رهيو نثار محل،
تڏهن ماندائڻ منديو
تنهن جو ٿي ممتاز محل
شوق شاهيءَ سان جڏهن
فرض محبت جو ڪڏيو،
توکي اي تاج!
تڏهن حسن،
نزاڪت سان اڏيو.

[ڪويتا: تاجمحل راڳ: ڀيروي اهير تال: ٻپتال]

[فيڊ آئوٽ.]

ڪمينٽري: دنش هلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هو-
[پس منظر ۾ پڙدي تي باه ۾ ٻرندڙ، زنجيرن ۾ جڪڙيل

آهيو مشورام.
ڪشنچند - [خاطوءَ جي نبض جاچيندي] جي، يعني
دماغ، دل ۽ ڦڦڙ - ٽنهي جو علاج هڪ
ئي هنڌ ۽ هڪ ئي وقت.
خاطو - مشورام!

[ٻنهي جي ٽهڪڙي ۾ روشني گل]

ڪمينٽري: ڀوس جي زندگيءَ ۾ هل هلان هئي. وڏي
ڪٽنب جون وڏيون جوابداريون نڀائيندي
هن ٻنهن جي ڪويتا دوارا دلي امنگن ۽
جذبات جو اظهار ڪندي ٻنهن جي چوگرد
سماج ۾ رهندڙن جي زندگيءَ جي راه روشن
ڪرڻ جي هر ڪوشش ڪئي. سماج سڌار جو
ڪو به موقعو هٿان نه وڃايو. واه منهن جا
سائين - هن اهو ئي ڏڳ ورتو، جنهن تان
شاه لنگهيو، سچائي ۽ سنڌيت جو رستو،
لوڪ گيت ۽ پريت جو رستو.
دوستو، پريت جي ڳالهه تان لواريءَ جي
هڪ پريميءَ جي ٻنهن جي پريمڪا لاءِ
جوڙايل يادگار جي باري ۾ سائين ڀوس
جي يادگار ڪويتا کي ڀلائي نٿو سگهجي،
جنهن ۾ هن ٻنهن جي ڪلپنا شڪتيءَ جو

جنهن لئي اٿر آزادگي.
مست ٿي تنهن جي مٿان،
انسان ٿئي ٿو ٻي ٻڌو،
جو ٻٽي پروانو ڏئي ٿو،
تيز آتش ۾ ٽپو.
[ڪويتا: آزادگي]

[پس منظر ۾ ٻيٽن لئي چٽڻي پاسي وڄندڙ جهڄندڙ پاڇولا نظر اچن ٿا. انهن تو ظاهر ٿئي ٿو ته هو ٻنهن جي ٻنهن جي علائق تا چاهن.]

ڪميٽري! بهوس جي نظر ۾ اهو به آيو ته اسين دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ٻڪمشت ٿي تا وڃون پر پاڻ ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين لئي وڙهي پانگا تا ٿيون. هاءِ گهوڙا؛ "هي منهنجو! هو منهنجو" جي بيماري اسان ۾ گهر ڪري ويٺي آهي. اسان جا خيال تنگ آهن، دليون ننڍيون آهن.

[پس منظر ۾ وڙهندڙ ڪرندڙ پاڇولن مان هڪ پاڇولو هٿن ڪي سنڀالي علاج ڪرائي ٿو.]

ڪميٽري: هن بيماري جو علاج ڀڻ سائين بهوس ٻڌايو آهي. پس منظر ۾ گيت ۽ سنگيت اڀري ٿو.

گيت: ڪر دنيا ۾ دل وڏيري
لون ته رهه؛ مان ٿي رهان

هندستان جو نقشو آڻيو ٿو - دک درد ڀريل آلاپ
۽ ورلاپ]

ڪميٽري: ديش جي آزاديءَ جي ڀڳت ۾، نوجوان
پنهنجي جيون جي آهوتي ڏيئي رهيا هئا -
ڪونڌر ڪسجي رهيا هئا. ڀارت ماتا جي
چولي چاڪ چاڪ ٿي رهي هئي، ماتا ج
دامن لهو - لهان ٿي رهيو هو - اهڙي وقت
اسانجي ڀيوس جو قلم ڪيئن ٿو ماٺ رهي
سگهي؟ آزاديءَ جي جنگ جا سپاهي
پنهنجن هٿيارن سان لڙي رهيا هئا ۽ اسا
جو ڀيوس پنهن جي قلم دواران جنگ جو
رهيو هو - قوميت ۽ ديش ڀڳتيءَ جو نغار
وڄائي رهيو هو -

گيت: [ٻانهن آواز ۾ ڪويتا وانگر پڙهيل]

ٻاٻري ڪنڊن منجهان
ٽنهن جو گذر آزاد گي،
ٿو وسايو سخت سو
فولاد گهر آزاد گي،
جنهن جي ٽوڙڻ لءِ ڪپي
جانثو جگر آزاد گي،
ڪنهن مصيبت جو نه ٿئي

جهجهو هو [گهنڊين ۽ شنک جا
آواز] هن ٻال ڪرشڻ ٻڌيءَ جي گهر
نت نيم سان آرتي ٿيندي هئي، ٻارن
دوستن سان ڌارمڪ وشين تي خيالن
جي ڏي وٺ پڻ ٿيندي هئي ۽

۽ زندگيءَ جي روز مره جي معاملن سان
سان گڏوگڏ شاعري، حڪمت ۽ سماج
سيوا جا ڪم پڻ هلندا رهندا هئا. اوچتو
سائينءَ کي چمڙيءَ جي بيماريءَ اچي
ستايو، جنهن جو علاج ڪونه ٿي
سگهيو. ٻين کي شفا ڏيڻ وارو خود بيماري
۾ مبتلا رهيو. بي انتها تڪليف هوندي
۾ سائينءَ جي چهري جي مشڪ جهڪي
ڪين ٿي، ايشور ۾ عقيدو گهٽ ڪونه
ٿيو ......

[پس منظر ۾ سائينءَ جي هٿ جوڙي ايشور کي آراڌنا-
گيت ۽ سنگيت اڀري ٿو]

گيت: اسانجي حال ٿي هردم،
سڀاڳها ڀاڳهه پنهنجي ڪر
پيارا پال پنهنجي سان،
اسان جو پانڌ پالهو ڪر،
اسانجي ....

آڻ منور ٿيءَ ۾ ڦيري
تون ته رهه، مان ٻي رهان.
گرچ هموطني نه آهين،
ديش واسي تي گذار
ديش واسيءَ کان وڌو
دنيا نواسي تي نهار
ڏر نظر پنهنجي ڦيري
تون ته رهه ......

پنهن جي شاهي محل مان
گهٽ جي ڪنڌين هڪ کوٺڙي
ٻي اڇي مون جهڙي لاءِ
پوندي ٿهي هڪ جهوپڙي
ڪر تمنا گهٽ ٿڪيري
تون ته رهه ......

[ڪوينا: وڏي دل]

[پس منظر ۾ سانوڻ پڊ ن گي کنهندا نظر اچن ٿا. ڪاڪي
پيڙا هوندي ته هو آسمان ڏانهن نهاريندي ڪجهه
اهڙو روپ ٿا ڏيکارن جيئن چوندا هجن ته هي پرماتما
جهڙي تنهن جي اڇا - ٻيرا پاڻا مهنا لاڳي - هلڪي
روشني ....]

ڪمهڪري: سانئڻ جو لاڙو ڏاڍو ڪ ڳالهين ڏانهن پڙ

وري وري ماحول ۾ اڀرن ٿا، گونجن ٿا ...
گيت: (ڌيمي گتيءَ ۽ هلڪي گنڀير آواز ۾)

ساهي پٽي ڪٽي لٽي
مون موج ڪئين ماڻي
هر دم اٿل پٿل ۾
پوندو رهي ٿو پاڻي
وهندي ولان سدائين
ٻهڪي ڪي موت ڇاڻي
هيٺار ڏي هلان ٿي
هر دم ندي نماڻي
آسا رهي اندر ۾
ٿي سمنڊ ۾ وڃڻ جي
ٻنهن جي پراڻي گهر ۾
ساهي وڃي پٽڻ جي
ساهي وڃي ڪٽڻ جي ....

[گيت: لدي راڳ: ٽوڙي تال: دادرا]

(آهستي آهستي فيڊ آئوٽ ۽ پردو ڪري ٿو.)

پليل آهيون نه تون پنهنجي
ڪلاسان راه روشن ڏي
اسان جو هي قدم ڪڙو
سڀون رستي تي ساٿين ڏر
اسان جي ......

ڪپي جيڪي گهرون لوڪان
اي ڏاتر ڏيهه ڏي ڏينڌڙ
سدا ڀرپور پيداري،
اي دانا دادگر داور
اسان جي ....

[ڪوينا: ڏٺي ۽ ڊرويندي راڳ: باگيشوري تال: ڪهروا]
(هن گيت جي پڇاڙيءَ ۾ اسٽيج تي اوندهه - اسٽيج خالي - اوچتو بارود قاٺ جو ڌماڪو - گهري ڳاڙهي روشني - سنگيت ليز تي هلڪو ٿئي ٿو شانتي)

ڪمينٽري: ۽.... اوچتو ۲۳ سيپٽمبر ۱۹۴۷ تي سائين جن
ٻرهم ۾ ليٽ ٿي ويا، سنسار روپي ساگر
کي پار ڪري ايشور ۾ سمائجي ويا - پر
پنهنجي سنگت پٺيان ڇڏي ويا، پنهنجي
ورثي ۾ اسان سنڌين کي ڏيئي ويا آهن
اهڙا شاعر، جيڪي سنڌ سنگت کي اڃا
به وڌيڪ ڦهلائي رهيا آهن. سنڌ کي اڳر

هڪ عجيب داستان



ليکڪ
ومل بندو پاڌيايه

انوادڪ
سندر ٻناڻي

1984

هن انڪانڪيءَ کي ٧ اپريل ~~١٩٧٤~~ تي ناگپور ۾ هندي
ڪلاڪارن اسٽيج تي پيش ڪيو.

ڪمينٽري : سندر ڀٽائي
موسيقار : هرچندراءِ لالواڻي ۽ هريڳوان ناگپال
ڳائيندڙ : هرچندراءِ لالواڻي ۽ ساٿي
ڪلاڪار : سندر ڀٽائي، وڃيه ديارامڻي، ڪشور لالواڻي، لڇمڻ ٿاواڻي، مڪيش ساڌواڻي، پريم موٽواڻي، جڳڪشن ويداڻي، هريش مانڌاساڻي، هريڳوان ناگپال، امر درياڻي، راجيش ديارامڻي، راجيش گيانچنداڻي، پرديپ شرما، شنڪر وليچا، شيام واڌواڻي ۽ ٻيا

ليکڪ - هدايتڪار : سندر ڀٽائي

سوڌار: دوستو، اڄ هيٺئين توهان جيڪو ناٽڪ ڏسندا،
اُن جي ڪهاڻي بلڪل عجيب آهي- چوڻ جو
مطلب اهو ته اصليت ۾ اها ڪهاڻي دک اڻ
ٿيڻي آهي. ڇگر ۽ جيڪڏهن مان اوهان کان
پڇان ته ڦاسيءَ جي سزا يعني موت جي سزا
ڏيڻ گهرجي يا نه؟ مان ڄاڻان ٿو سٺ سيڪڙو
چوندا - ”ها“- اناويهه سيڪڙو چوندا ”نه“
۽ باقي ٻارهان سيڪڙو چوندا خبر ناهي يا
ان باري ۾ سوچيو ئي ڪونهي.
جيڪي سڄڻ چوندا ”ها“ اُنهن کان جيڪڏهن
مان پڇان ته ڦاسيءَ جي باري ۾ توهان جا
ڪهڙا ويچار آهن؟ يا ڦاسي ڪيئن ڏني
ويندي آهي؟ - مان ڄاڻان ٿو ته اُهي سڄڻ
هن باري ۾ بلڪل ڪوري سليٽ وانگر آهن.
هو ڪجهه نه ڄاڻندا. جو جو جيڪي ڦاسي، جاڻن
ڏيندا آهن، اُهي ٻاهر نڪري پنهنجي زبان
بند ڪندا آهن ۽ جن کي ڦاسي ايندي آهي،
اُنهن جي ڄاڻائڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.
خير- اچو ته مان اوهان کي ڏيکاريان ته ڦاسي
ڪيئن ڏني ويندي آهي. اڄ ننڍي الله يار
جي رهواسي ساڌورام کي ڦاسي اچڻ واري

هن ناٽڪ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت
سڀا طرفان دهليءَ ۾ رکيل ڇهين اکل ڀارت
سنڌي ناٽڪ چٽاڀيٽيءَ ۾ بهترين ناٽڪ، بهترين
هدايتڪاري ۽ بهترين اداڪاريءَ لاءِ پهريون
نمبر انعام کٽيو. ان ڪانسواءِ ناگپور ۽ وردا ۾
پڻ هي ناٽڪ پيش ڪيو ويو آهي.

: ناٽڪ جا اداڪار :

چيلر	–	سندر ٻٺاڻي
ريلورام شرما	–	ڪشور لعلواڻي
ساڌو رام	–	گرمک موٽواڻي
ڊاڪٽر	–	چندر ٽيڪچنداڻي
انسپيڪٽر کوٽواڻي	–	انيل ٽولياڻي
انسپيڪٽر موٽواڻي	–	گل آسناڻي
واڌو	–	نارائڻ ٽولياڻي
پانڊو	–	موهن کوٽواڻي
هدايتڪار ۽ انواد ڪ	–	سندر ٻٺاڻي
سنگيتڪار	–	هرڀڳوان ناگپال
روشني	–	هريش مائيداساڻي

ته نوڪريءَ مان ڊسمس، اُف! عجب مصيبت ۾ اچي ڦاٿو آهيان!

اسٽر: ٻار ولي ڪُٽڻي، هن ڪي ڪارا ڦٽ ڇا تمام ضروري آهن؟

يلر: بابا، ڦاسيءَ جي قيديءَ جي آخرين خواهش آهي، اها! ۽ اها به جيڪڏهن پوري نه ڪئي وئي ته ... ته بس - پنجويهن جي ناموسيءَ واري نوڪريءَ ڪانپوءِ، ٻار وٽيءَ ڪُٽڻي ڪري بدنام ٿيڻو پوندو. عجيب مصيبت آهي. واڌومل، اڙي او واڌو!

اڌو: (ايندي) حڪم سرڪار.

يلر: ڏس بنگلي ٻي وچ ۾ پاڳيريءَ ڪان پڇينس ته ڪالهه رات تنديڙي جو پهت خراب هو. اُن لاءِ جيڪا ڪُٽڻي ناهي هٿائين، اها رکي آهي يا ڦٽي ڪري ڇڏيائين.

اڌو: پڇس سر.

يلر: اڙي ٻرس، وڃين ڪيڏانهن ٿو. جيڪڏهن چوي ته ڪُٽڻي ڦٽي ڪري ڇڏي اٿم ته چئجانس ته ٻارن ٻچن سوڌو پيڪي هلي وڃي ۽ مان به اِن ٿن ڏينهن ۾ نوڪري ڇڏي ساهرن ۾ هليو ايندس.

واڌو - چڱو سائين.

آهي. ڇو جو هن ملوڪ، پنجن سال اڳ پنهنجي
گهرواريءَ، ڇمپا جو خون ڪيو هو ... ۽ هن
پنجن سالن ۾ قانون جي ماهرن، پوري پوري
ڇنڊڇاڻ ڪري، قانون جي هر نقطي جي پرک
ڪري ساڌورام کي ڏوهي ٺهرايو ۽ انهنڪري
هن کي موت جي سزا ملي آهي.

هن وقت اُسر جا ٽي وڳا آهن. ساڌورام
کي سنان پاڻي ڪرائي نئون وڳو پهرايو ويو
آهي ۽ هينئر جيلر صاحب سندس آخري
خواهش ڄاڻڻ لاءِ بيقرار آهي.

[اوندهه - وري روشني]

جيلر : اُف - مصيبت آ؟ مون ٿي سمجهيو ته جڏهن
سڄي ڄمار هڪ ويلو به پيٽ ڀري ماني نه
کاڌي آهي، اهو مرڻ کان اڳ ضرور اوچي ۾
اوچا طعام طلبيندو، مگر - مڇيون گهرندو.
پر هن حراميءَ گهريو به ته ڇا؟ راڌڪي پارُوٽي
ڪڙهي ۽ هڪ پڪل پاپڙ! اُف .... هاڻي مان
پاروٽي ڪڙهي ڪٿان آڻيان؟

ڊاڪٽر : ٿاڌيءَ ڪڙهيءَ کي برف جي ٿڌي پاڻيءَ ۾ رکڻ
سان به ته اها ٿوري پاروٽي لڳندي.

جيلر : ڊاڪٽر! جيڪڏهن سرڪار کي خبر پئجي ته،
مون ڪنهن قيديءَ سان اهڙو ڇل ڪيو آهي

[اوندهه - وري روشني]

ڍنڍار: بس جيئن تيئن ڪري جيلر صاحب ساڌورام جي آخرين اڇا پوري ڪئي. تنهن کان پوءِ ساڌورام کي ڦاسيءَ جي تختي تي آندو ويو، جتي سرڪاري ماڻهن ضرورت کان وڌيڪ زور شور ۽ شد مد سان گيتا جا شلوڪ هن کي ٻڌايا، گنگا جل پيئاريو. تنهن کان پوءِ جيلر صاحب هن کي جج صاحب جي فتوا پڙهي ٻڌائي. اُن بعد ساڌورام جا هٿ پير ٻڌا ويا. مٿي تي ڪارو ٽوپ پهرايو ويو ۽ ڦاسيءَ جو ڦندو هن جي ڳلي ۾ وڌو ويو. جيلر صاحب ڏهن کان هيٺ انگ ڳڻڻ شروع ڪيا ۽ جيئن ئي هڪ تي پهتو، جلاد ٽوڙيءَ کي زور سان ڇڪيو. ساڌورام جي پيرن هيٺان تختو کسڪي ويو ۽ هن جو شرير زمين کان مٿي هوا ۾ جهولڻ لڳو ۽ بس اتي ختم ٿي ٿئي ساڌورام جي ڪهاڻي ۽ شروع ٿو ٿئي اسانجو ناٽڪ.

[اوندهه - وري روشني]

ڊاڪٽر: (لاش جي چڪاس ڪندي) او ماءِ گاڊ! هي ته اڃا جيئرو آ.

جيلر: امپاسيبل - انبسرڊ! اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟

جيلر : اڙي وڃين ڪيڏانهن ٿو؟ پوري ڳالهه ته ٻڌ.
جيڪڏهن ڇوڪري نه ڪڍي رکي آهي ته "ٽنگ
لڙو" ڇڏي، ٽالهيءَ ۾ ڪڍي وجهي. مٿان ٿورا
پاڻيءَ جا ڇنڊا وجهي، ته پاڻ-ڙ ٻچائي هڪدم
هيڏانهن ڪڍي اچ.

واڌو : حاضر سائين.

جيلر : اڙي ڇريءَ پٽ! ويندي - ويندي منهنجي
آفيس جي ميز تان مٺائي ۽ ملائيءَ واري ڏهي
ڪڻندو وڃجان - ڇڪجاس ته.. مٺائي ٻارن کي
کارائي ڇڏي ...

واڌو : يس سر.

جيلر : ۽ ڇڪجانس ته ڏهيءَ مان لسي ناهي رکي. مان اچي
پيئندس.

واڌو : ها سائين.

جيلر : هاڻي وري بيٺو ڇو آهين؟

واڌو : نه سائين - مون چيو متان اڃا ٻيو ڪجهه به چوڻو
هجيو.

جيلر : نه، نه. ٻيو ڪجهه به ڪونهي. تون وڃ.

واڌو : چڱو سائين.

جيلر : واڌو مل.

واڌو : سائين

جيلر : ڪجهه نه. ذرا جلدي اچجانءِ.

ڊاڪٽر: جيلر صاحب! جيڪڏهن هن کي ڪنهن رات
هوش ۾ آڻي، جج صاحب جو فيصلو وري
ٻڌائي وڃي ڦاسي ڏني وڃي ته؟
جيلر : ٺيڪ آهي. پانڊورنگ، واڌو لاش ڪو اڌر
لائيو.
ڊاڪٽر: معاف ڪجو، توهان هن کي لاش ڪري نٿا
ڪوٺي سگهو. ڇو جو هو اڃا جيئرو آهي.
جيلر : ڊاڪٽر! رهڻ ڏي پنهنجي هوشياري. هن
کي هوش ۾ آڻيس ته ڪيس لاش بڻايون.
[ساڌورام کي هوش ۾ آڻڻ جا اپاءَ]
سڀ : هي-هي اوهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟
ڊاڪٽر: هن کي ڇنبو آهي نه سا نٽلي ساهه!
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: ائين ڪرڻ سان ....
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: وڏين وڏين بيمارين جو
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: دل جي مرض جي
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: دل جي ڌڙڪن
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: شروع ڪندو آهي

ڊاڪٽر: هو اڃا جيئرو آهي - منجهس اڃا پراڻ آهن.

جيلر: ڏيجهان، ضرور لوڏان ڪا ڀل ٿي آهي.

ڊاڪٽر: ڀل؟ او، نو. ها، ماڻهو ڇڏڻو يا نه، اُن باري ۾ ڀل ٿي سگهي ٿي - پر ماڻهو جيئرو آهي يا نه ان باري ۾ ...

جيلر: پر ائين ٿي سگهي ٿو؟

ڊاڪٽر: نارملي، ڦاسي ڏيڻ کانپوءِ پنجن ستن منٽن ۾ انسان جا پراڻ نڪرڻ گهرجن. پر، پر هي همراهه اڃا جيئرو آهي.

جيلر: عجيب ماجرا آهي ڀائي ڪونواٽي! هاڻي ڇا ڪجي؟

ڪونواٽي: هاڻي مان ڇا چوان؟ ڪجهه به سمجهه ۾ نٿو اچي.

مونواٽي: سائين، مان هڪ صلاح ڏيان؟

جيلر: چئه.

مونواٽي: سائين هن ساڳئي ورام جي ڳچيءَ ۾ پيل نوڙيءَ کي ٻه - چار جهٽڪا ملي، وري هڪ ٻه دفعو زور چڪيون ته؟

ڪونواٽي: نه، مونواٽي، نه. اهو غير قانوني ٿيندو. قاعدي موجب جنهن کي ڦاسي ڏني آهي، انهيءَ کي جهٽڪو ڏيڻ جي آخر ۾ ڪن ڪلاڪن خبر هئڻ گهرجي ته ڪيس ڦاسي ڇو ڏني وڃي رهي آهي. هن کي ته هوش ئي ڪونهي.

آ ٻچا - رام رام رام

...ٽر: نه پوءِ رام؟ رام. توهان سمجهيو س. مان هلان
ٿو.

...ر: پليز ڊاڪٽر توهان پنهنجو ڪم ڪريو. پنڊت
ريلو رام شرما، هن ڪانپوءِ وچ ۾ ٽوڪ ٽوڪ
ڪيو نه، نه رام رام ست ڪري ڇڏيندوسانو-
ڪٽري آن ڊاڪٽر.

...ٽر: ها، نه مسٽر ساڌو رام، اسين اوهان کي ڦاسيءَ
تي لٽڪائيندا سين.

...و: مون کي لٽڪائڻ سان ڇا ٿيندو؟

...ٽر: تون مري ويندين.

...و: مري ويندس؟ اهو مرڻ ڇا ٿيندو آهي.

...و. مرڻ يعني جيئرو نه رهڻ.

...ر: اف! وري ٽوڪ ٽوڪ. هن ڪانپزءِ وات کوليو
اٿو نه هتان ٻاهر ڪڍي ڪيندوسانو.

...و: هون - ڪڍي ڪيندا جو بس توهان جو راڄ آهي.
مان سرڪاري پائڻ آهيان ۽ سرڪاري ڪم
سان آيو آهيان. مون کي هتان ٻاهر ڪڍڻ جو
توهان کي ڪو به اختيار ڪونهي.

...ر: توهان وات کولي ڏسو نه سهڻ. اختيار آهي
يا نه، اهو به ڏيکاريندوسانو.

...ٽر: ها نه پاڻي ساڌو رام - مرڻ يعني جيئرو نه رهڻ.

سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: هن کي نه
سڀ : نه سا
ڊاڪٽر: هوش اچي ويو، هوش اچي ويو....
سڀ : نه سا، نه سا، نه سا
جيلر : پري ٿيو، پري ٿيو.... واڌو هڪ ڪرسي
کڻي آ.
[ساڌورام کي ڪرسيءَ تي ويهارڻ]
جيلر : ڊاڪٽر، هاڻي هن کي ٻڌائيس ته کيس هتي
ڇو آندو ويو آهي. هوش اچيس ته پوءِ ور
ڦاسي ڏبونس.
ڊاڪٽر: ساڌورام! پيارا ساڌورام!! .... اڙي
ساڌورام!!!
ساڌو : آن .... مون کي ڪجهه چئو.
ڊاڪٽر: ها بابا، توکي ٿي چئم. تنهنجو نالو ته
ساڌورام آهي.
ساڌو : ساڌورام! مون کي ته ڪجهه به ياد ڪرڻهي
ڊاڪٽر: صبر ڪر بابا، سڀ ياد اچي ويندءِ.
ساڌو : مان - مان هتي ڇو آيو آهيان.
ڊاڪٽر: توکي ڦاسي ڏيڻي آهي.
ساڌو : ڦاسي؟ ڦاسي ڇا ٿيندي آهي.
ريلو : ڳچيءَ ۾ نوڙي وجهي لٽڪائڻ کي ڦاسي چ

ـو: اهائي - سيني قسمن جي پوڄا - گڻيش پوڄا،
درگا پوڄا، لڇمي پوڄا، سرسوتي پوڄا - اڙي
پيو ٿي، پيو جيلر صاحب جي ڇنڇر جي پوڄا به
مان ئي ڪرائيندو آهيان.

ـر: اڙي او بابڻ - ڇنڇر جي پوڄا جو هنن پوڄائن
سان ڪهڙو واسطو؟ اها تنهنجي خانگي ڊيوٽي
آهي، ان آفيشل ...

و: هتي ڪهڙي پوڄا ٿيندي؟

ـو: ها، هتي پوڄا ٿيندي، ڦاسي پوڄا.

و: ڪٿي؟ هتي! هتي ته ڪٿي به ڀڳوان نظر ڪونه
ٿو اچي.

ـو: اڙي بابا، ڀڳوان ڇا اکين اکيون ڦاڙي ڏسڻ
سان نظر اچي ويندو آهي. ڀڳوان کي ڏسڻ لاءِ
شرير کي ايڪ ڪشت ڏيڻي ڏهوڙ تپسيا ڪرڻي
پوندي آهي.

ـر: پري ٿي بابڻ مهراج، پري ٿي. ها ته ساڌو رام
نه مان ڊاڪٽر آهيان، نه بالمڪ. مان آهيان پوليس

و: پوليس؟ پوليس ڇا ٿيندي آهي.

ـو: جيڪا چور پڪڙي اها پوليس.

ـر: جيڪا بابڻ پڪڙي، اها پوليس. هيءَ آخري
وارننگ اٿيئي - هن کان پوءِ تنهنجي نڙيءَ
مان آواز نڪتو ناهي؛ مون تنهنجي نڙيءَ ۾ ٻ

ساڌو : يعني ته مان جيئرو آهيان،
واڌو : پانڊو ۽ اجايا مئن هڻڪي واسطي اسٽول
ڪرسي ڪٽي آيا. صاحب جي آفيس سي مکيه
واري ڪاٺ جي ڪرسي ڪٽي آئا ته ساڱي
ڪبر پڙتا ڪ جيئرا هئه يا مر گيا.
جيلر: واڌومل، چارج شيٽ لـ ڪڍيئي ته واڌ جو
دريءَ کي ذرا بند رک.
ڊاڪٽر: ها، بـ مون پڙي ڇڏو ساڌورام - اسان ٽوڪو
نوڙيءَ ۾ لوڏ ڻنداسين.
ساڌو : توهان ڪير آهيو؟
ڊاڪٽر: مان؟ مان ڊاڪٽر آهيان. ماڻهن جي جان بچائ
منهنجو فرض آهي.
ساڌو : ته پوءِ مون کي مارڻ جون ڳالهيون ڇو پيا ڪيو
ڊاڪٽر: ڳالهه اها آهي ساڌورام ته مان ... مون کي ..
جيلر صاحب - ڳاڏي ڪپ ۾ گهي پيئي.
رسالو: پري ٿيو، پري ٿيو. مان ٿو معاملو سلجهايان
ساڌورام، مون کي سڃاڻين؟ ڪيئن سڃاڻندين
پهرين ته توکي ڦاسي آئي ڪونهي - هي ت
تنهنجو پهريون دفعو آهي. خير، مان آهيا
شري ويد واچسپتي ديلورام شرما ۽ سرڪاري
پانيرط - پاڻ پوڄا ڪندو آهيان.
ساڌو : ڪهڙي پوڄا؟

هئين. هڪ ڏينهن نشي ۾ چُور ٿو گهر آئون. تنهن جا ٻار روئڻ ڪري رهيا هئا ۽ ٿوکي دارونءَ جي گهرج هئي. ٿو وقت پائي ۾ ڪونه هئي. ٿو ٻيءَ ۽ جوءِ کان پيسن جي طلب ڪئي ۽ انهن کي گار گند ڪرڻ لڳين. پيسا ٿوکي ڪونه مليا ۽ ٿون ٻارن کي لوڻ لڳين - مون کي دارونءَ لاءِ پيسا ڪونهن ۽ ٿوهين ماني ٿا کائو. اوچتو تنهن جي نظر ڪنجهي جي ٿالهيءَ تي پئي. اُن کي وڪڻي شراب پيئڻ جي لعيت سان ٿو ٿالهيءَ ۾ هٿ وڌو. ڇنڊيا تنهن جي مخالفت ڪئي، ڇو جو اها سندس پيڪن جي نشاني هئي. الهيءَ جهڳڙي ۾ ٿو سندس گلو پڪڙيو هوءَ ٿالهي ڪسڻ لڳي ۽ ٿون سندس گلو دٻائڻ لڳين. ايهي پاسي زور وڌندو ويو. آخر ڇنڊيا جا هٿ ڍرا ٿيا ۽ هوءَ اُلي ٿي ڍير ٿي وئي ۽ مري وئي.

ڪونوالي: پاڻي ساڌو، آيو ڪجهه ياد؟

ساڌو : نه.

سڀ : نه !!!

جيلر : او گاڊ! مان ڪهڙيءَ مصيبت ۾ ڦاٿو آهيان. هاڻي ڇا ڪريان؟

انهن ڏٺو آهي... سمجھيئہ - ها ته مسٽر سا
رام - مون ٻڌي ڇڏيو ته تو پنهنجي زال چنپا
خون ڪيو آهي انهيءَ ڪري توکي هتي ڦا
ڏني ويندي.

ساڌو : چنپا؟ ڪهڙي چنپا؟

جيلر: تنهنجي جوءِ، جنهن کي تو ماري ڇڏيو.

ساڌو : اُف! مون کي ته ڪجهه به ياد نٿو اچي.

جيلر : ياد نٿو اچيئي يا جاڻي واڻي ياد نه اچڻ
ناٽڪ ڪري رهيو آهين!!!... عجيب مصيـ
آهي.

ڪوتوالي: سائين هڪ منٽ. منهنجي نظريئي ۾ هن
اُنهيءَ ڏينهن جي واردات جو وچور وار
ٻڌائڻ ڪانسواءِ ڪم نه هلندو.

جيلر : ته ٺيڪ آهي. تون اُهي ٻڌائينس وچور وار ٻ

ڪوتوالي: ياد ڪر ساڌو رام ... ٽنڊي الله يار ۾ ت
جو گهر هو. گهر ۾ تنهن جي گهر واري .
تنهن جا ٻه يار ۽ تنهن جو سوُرداس پتا ر
هئا. هڪ مل ۾ توکي نوڪري هئي. تنهن
پگهار سٺي هئي. پر تو ۾ هڪ خراب عا
هئي. پنهنجي سڄي پگهار تون دارونءَ
دق ڪري ڇڏيندو هئين ۽ وڌيڪ ٻئين
پنهن جي زال ۽ پيءُ سان جهيڙو جهٽو ڪ

سرڪاري ٻانڀڻ آهيان ۽ منهنجو ڪم آهي،
سرڪاري پوڄا ڪرڻ.

: ڏس ٻانڀڻ مل، اهو منهنجو تنهنجو جو ڪوڙو ڪونو
آهي. هي ته سرڪاري ڪم آهي ۽ توکي ڪرڻو
ئي پوندو.

: مان نه ڪندس.

: مان تنهنجي خلاف رپورٽ ڪندس.

: رپورٽ! پوءِ لاچار ڪرڻو ئي پوندو.

: هاڻ ته پوڄا شروع ڪيو. مان توهان
جي ڪارخاني جي پورهين جو ليڊر، ڪارخاني
جي دروازي وٽ پاڻ ڏيئي رهيو آهيان -
دوستو، اڄ ڏهن ڏينهن کان اسان پنهنجين
ضروري گهرجن لاءِ هڙتال ڪئي آهيون. اسان
پنهنجي گهرن جو چٺو مالڪن کي ڏنو آهي ۽
هن ڇيو آهي، هن ڇيو آهي .... موڙوٽي هن
ڇا ڇيو آهي؟

موڙوٽي: هن کي جيڪي چوڻو هو، سو هن ڇيو.

: ها، هن کي جيڪي چوڻو هو، سو هن ڇيو
آهي. پر اسان ته ڪجهه مٽيءَ جا ٺهيل ڪونه
آهيون. اسان به ڪير پيڙهڪ ٻار ڪونه آهيون
جو هن جي چال نه سمجهون! اسان نه جهڪڻ
وارا ناهيون، ٽٽڻ وارا ناهيون. خبور جو وڻ

مونواڻي: سر منهن جي دماغ ۾ هڪ آئيڊيا آهي.

چيلسر : ٻڌاءِ ٻڌاءِ ٻڌاءِ.

مونواڻي: ڇو نه، اسين سڀ ملي ڪري هن کي هڪ ناٽڪ ڪري ڏيکاريون.

چيلسر : ناٽڪ؟ مطلب؟

مونواڻي: مطلب اهو ته اسان مان ڪو ساڌو رام جو پارٽ ڪري، ڪو هن جي پيءُ جو، ڪو هن جي زال جو ۽ ڪو هن جي ٻارن جو - مطلب ته اهي ڏينهن جيڪي ڪڇ ٿي گذريو اهو....

چيلسر : نائس اي ڊيئر آئيڊيا. ڪيئن ڊاڪٽر، ٿيندو ڪجھ فائدو اهڙي ڪارگرديءَ مان؟

ڊاڪٽر: شايد. ڪوشش ڪرڻ ۾ ڪو نقصان ڪونه آهي

چيلسر : ته ٺيڪ آهي. انسپيڪٽر ڪونواڻي، توکي سڀ ناٽڪن جو ڏاڍو شوق آهي. تون ڪر ساڌورام جو رول ۽ مونواڻي تون ڪر هنجي پيءُ جو پارٽ ۽ واڌو - پانڊو توهان ٻئي هن جا ٻار ۽ ڊاڪٽر تون ڪر هنجي زال جي پوشاڪ.

ڊاڪٽر: مان؟ مان ۽ هنجي زال ۽ اهو به هن ڪپڙن ۾. نه، نه، نه. تنهن کان ته اهو پارٽ هن پاڻ کي ڏيو. ڏاڙهي ته پهچي اٿس ۽ ساڙهيءَ جي پلو پڌران پوڻ....

ريلو: ڇا؟ مان! اهو منهنجو ڪم ڪونهي. مان

ڏيان توکي!.... وٺندين ته ڏيندين ڪاٿون؟

مونوائي: ڪارخانو ڪلهندي اُتي، سڀ وياج سميت موٽائي ڏيندس.

ڊاڪٽر: ته ڪارخانو ڪلهندي اُتي مان توکي اوڌر ڏيندس، جيترا ڪپهندءِ اوترا ڏيندو سانءِ. پر هينئر ته... ڪپڙو وٺو ڪپڙو.... سوٽي، ريشمي، اوني، پوسڪي....

جيلر: اوهو ڊاڪٽر - سچي ناٽڪ جي قلعي ڪري ڇڏيئه.

ڊاڪٽر: ڇو ڇو؟ ڇا ٿيو؟

جيلر: پاڻومل وياج وٺي جو ڪم ڪندو آهي. ڪپڙو ڪونه وڪڻندو آهي...

رلو: وڪڻندو آهي، وڪڻندو آهي.

جيلر: جنهن ڳالهه جي خبر نه هجي انهيءَ باري ۾....

رلو: اڙي مون کود....

جيلر: وري اهائي ڳالهه. تو ڇا کود ڏٺو آهي لــ جيڪو ماڻهو وياج وٺي جو ڪم ڪندو آهي، اهو ڪپڙو وڪڻندو آهي؟

رلو: ڏٺو آهي مطلب؟ اڙي پنهنجي پڻهين پست جي ڇٽيءَ لاءِ مون پاڻيمل بجاجيءَ کان اوڌر ورتي هئي ۽ اهو...

مونوائي: سائين، اجهو وقت ڇو پيا برباد ڪريو؟

سڀني وٽن کان ڊگهو، ڇاڪاڻ ته هڪ ٻئي تي
بيٺو، آسمان کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪندو
آهي. اسان کي به خبر جو وڻ ڏيڍو ٿيندو.
ڇاڪاڻ ته هڪ ٻئي تي بيٺو ٿيندو، آسمان
کي ڇهڻو ٿيندو، سڀني وٽن کان نرالو، سڀني
کان مٺي، ڇمر هند - وندي ماترم - لال سلام!

ڪونواٽي: جي، هنن ليڊرن جا ليڪچر ٻڌي ٻڌي ته
ڪن ئي پچي پيا آهن، وات ئي سڪي ويو
آهي. اڄ به ڏاڍي لڳي آهي. بس چڪڙي
ملي وڃي ته مزو اچي وڃي. پر خيسي ۾ ڪڙڪو
به ڪونهي. پيسا ڪٿان آڻيان. ڪنهن کان
اوڌر وٺان. اڙي! هو ته اچي پيو باشومل
گهونڊڪيءَ وارو - باشاءل، اڙي او باشامل!

ڊاڪٽر: اڙي ڪير؟ ساڌو! ڪر خير ڪهڙا حال آهن.

ڪونواٽي: حال بيحال آهن. ڏهن ڏينهن کان ڪارخانو
بند آهي. گهر ۾ دال جا ٻه داڻا به ڪونهن،
انهيءَ ڪري تو وٽ آيو آهيان.

ڊاڪٽر: مون وٽ ڇو؟ مان ڪو تنهنجي ڪارخاني جو
مالڪ آهيان.

ڪونواٽي: اها ڳالهه ناهي باشامل سيٺ .... اوهان
جيڪڏهن ڪجهه اوڌر ڏيو ته ....

ڊاڪٽر: اوڌر! اڙي اوڌر جي ماءُ مري ويئي ۽ اوڌر

ملندءِ ٿنهنجي ته ... هاڻي شروع ڪرنو ... ؟
يارو، جڏهن مان اوهان جي اما سان پڻسن لاءِ
جهيڙو ڪريان، تڏهن توهان روئيءَ لاءِ ياڌائڻ
شروع ڪجو- ٺيڪ آهي.

واڌو : سائين هي پالدو مون سان جهيڙو پيو ٿو ڪري

جمادار: ڪهڙيءَ ڪٿيءَ ڪنهو ماڻس کي.

واڌو : سائين ساڌورام کي هڪ ٻت آهي هڪ ڏيءَ-
هن پاندوءَ کي چيم ته مان پٽ ۽ تون ڏيءُ ته
ته ته پيو ڪري، فيصيل رول ڪرڻ لاءِ.

پاندو: ٿهين صاحب مڻن جناني ڪا ڪام نهين ڪرونگا

جمادار: اڙي مول چا ايڪسپريس چا - ڏيجهان سڄي
مصيبت مون مٿان. اڙي ڪوتواڻي، ساڌوءَ جي
ٻارن جي عمر.

ڪوتواڻي: ڏيءَ ستن سالن جي، پٽ چئن سالن جو.

جمادار: تہ ٺيڪ آهي. نوڪريءَ ۾ سينيارٽيءَ جي
حساب سان واڌو تون وڏي ڏيءَ ۽ پالدو
ننڍو پٽ - او. ڪي. شروع.

[لڏندو لهندو جمادار ڊرائي ڦٽڪ ڪري ٿو
رهلو ماني وٺو ڀڄائي - ٻار راند ۾ رهڻل -
موٽواڻي سورداس اُپ کي نيو ڏسي]

جيلر: ٺيڪ آهي، ٺيڪ آهي. ۽ ها مسٽر ڪوٺواٽي، تو جهڙي شرابيءَ جي مک ۾ جهڙي سڀاجهي ۽ مٺي ٻولي سونهين ڪونه ٿي. تو ميڪ اپ مور ريئلسٽڪ - ٻه چار گاريون ٻاريون ڏي نه.

ڪوٺواٽي: قسم آهي، اهي گاريون ٻاريون مان ڪونه ڏيندس.

جيلر: مطلب؟

ڪوٺواٽي: پوليس ۾ نوڪري هئي ته مان به خوب گار گند ڪندو هوس. ماءُ پيءُ ڪانسواءِ ته ڪم ئي نه هلندو هو- پر- شاديءَ کانپوءِ جڏهن پهرين پهرين ساهرن ۾ ويس ته سهري کي گار ڏيڻي ڪيڪار پيم. تڏهن کانپوءِ بس- گهر واريءَ پنهنجو قسم کارائي ڇڏيو آهي.

جيلر: پوليس جي نوڪري ڇڏي، ماستري ڪر ماستري! چڱو هل شروع ڪر.

ڪوٺواٽي: منهنجي هڪ سهڻي صلاح آهي سائين! توهان ڇو نه اهو پارٽ ڪريو- ته ميڪ اپ مور ريئلسٽڪ (To make it more realistic) - توهان ته ڪچين پڪين گارين ۾ پڪا آهيو.

ريلو: ڪنهنجي ماءُ پيءُ ڪڍي اٿو ته مان هلان ٿو- رام رام رام

جيلر: هلان ٿو مطلب! سرڪاري نوڪريءَ ۾ نخرا نه

ـر : او مائي ... ساري ... اي ڇنڊي، چپ.
ـلـو: ڇو چپ ڪريان؟ ڪمائي ڪاراڻ، پوءِ ڳالهاءِ.
ڏو : بابا ڇانور آندا اٿو؟
ـلر : نه
ڊو : تو ڦر هم ڪيا ڪائيگا (روئي ٿو.)
ـلـر : منهنجو مٺو
ـلـو: ڇيڙو پريل آهي انهيءَ مٿي ۾ - ڪيئن ڪائجو؟
ـلـر : ڏيڇهان! اها پرنسل انيڪ آهي - ذاتي حملو.
ـلـو. ذاتي ڇو آهي؟ سڀ ڪان ڇو ٿا ڇڙو.
ـلـر : مان سڀ چاڻانئو ريلو! منهنجي پرايت جيڪا
ڳالا ڪندا آهيو، سڀ چاڻان.
ـلـو: مـــون ڪهڙي ڳـــالا ڪئي! اهي اوهان جي
گرمپٽيءَ جا .... منهنجو مطلب آهي اوهان جي
ڏرمپٽنيءَ جا اکر آهن، ها.
ڪونواٽي: سائين جيڪڏهن ائين پاڻ ۾ اٽڪندا رهندا
ته اجايو وقت پيو ضايع ٿيندو.
ـلـر : ٺيڪ آهي ريلو، ٻهرين ساڌو رام کي جهولي
لي ڇاڙهي پوءِ ٽوکي هندورن ۾ لوڏيندس
في الحال شروع ڪر. اي ڇنڊ ب چپ ڪندين،
يا نه؟
ـلـو: ڇو چپ ڪريان، ڪمائي ٿـو ڪارائين؟ الاجي
ڪهڙن ڪرمن جو ڦل وٺي پيو ڳيان.

موٽواڻي: ڪير آهي؟ ساڌو؟
جيلر: ها....
موٽواڻي: سچو ٿو ڀانهن ڪٿي ڀڄو پئين پٽ.
جيلر: ٻڪريون ڀڄو چاريان....
موٽواڻي: ڇا!
جيلر: توهان جا پيٽ ڀرڻ جي چڪر ۾ رلندو ٿو وتان. ٿنهنجي ته .... خير، ڪيو جيڪي روپيا لڪائي رکيا اٿو سي ڪيو.
موٽواڻي: روپيا مون وٽ ڪاٿون آيا پٽ؟
جيلر: واهه! ڏيڍهان جڏهن منهنجي نوڪري هئي ٿڏهن ته روز منهنجا پيسا جاچيندا هئا.
موٽواڻي: نه پٽ.
جيلر: هل ڪوڙا! مون پنهنجي اکين سان - ڪونه پڪڙيو هو ٿوڪي. مون کي پيسا کپن ۽ دارون کپي. ڪيڏ پيسا - ٿنهنجي ته ...
موٽواڻي: پيسا مان ڪٿان آڻيان پٽ؟
جيلر: ته پوءِ مون کي پيدا ڇو ڪيئه. ٿنهنجي ماءُ ...
موٽواڻي: پٽ
جيلر: چپ بڪواس بند ڪر.
ريلو: آها...ها...ها - مٺي جون ڳالهيون ته ٻڌ - ٻڌي ٻاهه ٿي وٺي. پيڙي پيءُ کي ٿو چوي چپ! رام رام رام

ساڌو رام کي ڪجهه ياد آيو هجي.

لر : آن ... ها، ها ڏسوس نه ڊاڪٽر.

اڪٽر : ڪيئن پاڻي ڪجهه ياد آيو؟

اڌو : نه.

يلر : ائين نه ڪر پاڻي، مون تنهنجي آخرين اڇا پوري
ڪئي هئي ... پاروتي ڪڇڻي ؛ پاپڙ ڪارايو هو؟

و : هلڻ ڏيو، هلڻ ڏيو. مون کي نه مزو اچي
رهيو آهي، بابا! تنهنجي هونءَ ناٽڪ منڊليءَ
۾ ڪم ڪندو هوس. اڄ محسوس ٿيو ته اڇا
نائين منهنجي اندر جو ڪلاڪار جيئرو آهي.

مٺو ڪونهي.

جيلر : پيڻبان لوڪي ڇاهي؟ ڊائلاگ چوڻ ۾ ڪيڏي
نه ڏکيائي ٿي ٿئي. هنجي ت.....

و : اهڙا ڊائلاگ ته هر گهر ۾ پيا هلن. جهڳڙو
ڪاٿي ٿو ٿئي؛ باهڻ ڪاٿي ٿيا وڃن؟

جيلر : تنهنجي گهر ۾ وڃندا هوندا باهڻ. اسانجي گهر
۾ ته ممتا جون گهنڊ ٽيون وڄنديون آهن،
گهنڊ ٽيون. تنهنجي پاڻي ته منهنجي لاءِ ممتا
جو پنڊار آهي، سنيهه جو ساگر.

[ڪونوائي ٿهڪ ڏئي ٿو]

جيلر : ڇو؟ ڇا هي ڇڪ ٿي اٿيئي. انهيءَ ۾ هي
هي ڪرڻ جي ڪوڙي ڳالهه آهي؟ تنهنجي

جيلر : نه وڃ هلي ٻڪي.
ريلو: ڇو وڃان؟ توُن ٿي نه آئين هتي منهنجي بابا
وٺ عاري [illegible] ڪري. نبري
جيلر : مان آيو هوس؟ اڄ پڻهن تي آيو هو پنهنجن
پوڻ. نه ڄڻجان ڇوي ٿي نه ...
ريلو: ٿل وات ۾ ڪيئان ٻرانه ... منهنجي ٻيءَ تي
ڪوڙا الزام هڻندي شرم نٿو اچئي؟
واڌو : بابا ڏاڍي اڪ لڳي اهي.
پانڊو : ميري ڪو اي - مان بهت زور ڪي ٻڙڪ
لڳي هئي.
واڌو : ابا پيٽ ۾ ڪوئا ٿا ڊوڙن.

[ٻئي پار ڪڍي روئن ٿا]

جيلر : نانسينس، ادنت. ٻسار الين روئندا آهن؟ ڇ
ڇو ڙي پانڊو رنگ ماڻهو پڻ سندي ۽ ...
هندي ۾ تو روئي! هي ڪانپوءِ لوهان ٻئي
ڪيج نه ڪچندا ۽ ڀڪي ڪيج ڇوندا ۽ ڪندا
سو سندي ۾. سمجهو؟
پانڊو : هانجي صاحب، سمجھ گيا.
جيلر : أف ليري تو.... شروع ڪريو.
ڪوتوالي: سائين ڪافي ناٽڪ ٿي چڪو آهي. ٿسو منان

ـب : سائين ساڌورام روئي پيو! ساڌورام روئي پيو!!

چندر : سچ پچ؟ واڌومل پاڻيءَ جو گلاس کڻي آ.

[واڌو وڃي ٿو]

موتي لال: اُٿ ڀائي رلورام - ساڌورام روئي پيو - هاڻي
وڌيڪ ناٽڪ ڪرڻ جي ضرورت ناهي. اڙي
اُٿ نہ بابا! ڇڏ اهو ڍونگ. [رلوءَ کي جاچڻ]
سائين ڏسو تہ ... نبض بہ بند اٿس ... ساهہ بہ
ڪونہ ٿو هليس.

چندر : ڇا مطلب؟ رلورام .... اڙي او .... رلورام شرما!
ڊاڪٽر!

ڊاڪٽر: [رلوءَ جي چڪاس ڪندي] آءٌ انهن ساري
ڇپڙ - هي از ڊيڊ.

چندر : امپاسبل! ائين ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ مون تہ ...
مون تہ تمام آهستي هن کي گهٽو ڏنو هو.
مهرباني ڪري وري جاچيوس.

ڊاڪٽر: هو هن سنسار ۾ ڪونهي.

چندر : نہ، نہ .... ائين نہ. اُٿ رلو، اُٿ ... اکيون
کولي ڏس؛ صرف هڪ دفعو .... حرامي اُٿين
ٿو يا ... نہ نہ ائين نہ ڏسو .... نہ نہ مون هن کي
ڪونہ ماريو آهي. مان .... مان مچياٺو لاءِ
هن سان مذهبي اڻبڻت هئي -
پر .... پر معمولي اڻبڻت ڪري مان هن جو

تہ ....

ڪوتوالي: ممتا ۽ سنيهہ صرف ٻارڙا ڪان وڏا ئي ڏيندا آهن. ٻارڙا ڪان ننڍا صرف پيار ڪندا آهن.

جيلر: منهنجي جوءِ مون ڪان ٽي سال وڏي آهي.

[ٺهڪ - جيلر جي اک ٽيٽ - ٺهڪ بند]

جيلر: ٺوهاڻڃي تہ .... شروع ڪريو. هـا تـہ سالي، حرامزادي رهڻو هجيئي تہ رهہ نہ تہ تہ ڪڏ ... پئہ. مون کي داروءَ لاءِ ڏوڪڙ کپن. هلاءِ.

رتڻو: ورڻ لڳو پيو آهي نہ ڏوڪڙن جو، جو پئجي ڏيانءِ.

جيلر: حرامزادي وري نخرا، هلاءِ

رتڻو: مون وٽ هڪ پائي بہ ڪونهي.

جيلر: پائي بہ ڪونهي - ٺيڪ آ، اها ٽالهي هلاءِ، اهو... وڪڻي....

رتڻو: نہ نہ، اها ٽالهي نہ، اها منهنجي امان جي نشاني آهي.

جيلر: امان جي سڪي ... هلاءِ ... ڏي

رتڻو: نہ نہ

جيلر: ڏي مون کي

[ٽالهيءَ لاءِ ڇڪتاڻ - رتڻوءَ کي گهڻو ڏئي ٿو. ... رتڻوءَ جو ڪرڻ - ساڙهيءَ جو رونڻ]

مان توهان کي ڪيڏو نه پيار ڪندو آهيان،
ڪيڏو نه چاهيندو آهيان. هي پرماتما ...

[جهُڪي رڙيُ ٿو]

ـلـو: (اکر موٽيندي) هري - اوم ... ڪيئن جهمالو
ڏاڍي ڪيستائين پهتي.

موتواڻي: مطلب! توهان جيئرا آهيو؟

ـلـو: نه پٽ! مري نه ويو هوس.

ـسپ: چا مطلب؟ چا مطلب؟

ـلـو: مطلب نه جڏهن هن منهنجو ڳلو دٻايو نه مان...
مان سمجهي ويس ته جيلر صاحب پنهنجي
اداڪاريءَ جو پورو پورو جلوو ڏيکارڻ لاءِ
آماده آهي. مون به نه ڪئي هم نه لم، بس
پنهنجي يوگ وديا جو سهارو ورتي اڌ ڪلاڪ
لاءِ مرده آسن ورتي ڇڏيو. من الهيءَ ڪي چٽيو
آهي، يوگ وديا جو بل - شڪتي - طاقت ....
هي ... هي ... هي

جيلر: اڙي بعد ڪر اها هي هي هي! دل ته چئي
ٿي ته اهي ٻنهي ڪڍي همت ۾ ڏيانءِ - چئي ٿو
ڏيکان جو يوگ وديا - اچو ته ڏسون ساڌو رام
چا ٿو چوي - ڪيئن ٿاڻي آيو ڪجهه ياد؟

هتيا ڇو ڪندس؟ هو پنهنجي گتيءَ مُئو آهي.
مون تي وشواس ڪريو، اعتبار ڪريو.

ڊاڪٽر: ائين ڪيئن؟

ڪونواڻي: هي ته سراسر خون آهي، مرڊر.

جيلر: خون نه، اهو ته هڪ حادثو آهي.

مونواڻي: حادثو؟ مطلب؟؟

جيلر: مون ته تمام آهستي هن کي ڌڪو ڏنو هو. مون کي ڪهڙي خبر ته هو مري ويندو - وشواس ڪيو اها هتيا نه، فقط هڪ حادثو آهي.

مونواڻي: سائين منهنجا! پوءِ ته ساڌورام سان به ساڳي ڳالهه لاڳو ٿي سگهي ٿي.

جيلر: توهين سمجهو ڇو نٿا ته ساڌورام پنهنجي زال جو خون ڪيو آهي ۽ پنڊت رلورام مري ويو آهي.

مونواڻي: آخر توهان چوڻ ڇا ٿا چاهيو شريمان جيلر صاحب!

جيلر: مان ... مون .... ساڌورام ... پنڊت رلورام.... مان هو اُف .... مون کي خود سمجهه ۾ نٿو اچي ته مان .... مون کي بچايو ڊاڪٽر- پليز

ڪونواڻي: مونواڻي! هيڊڪوارٽر کي فون ڪري هيءَ خبر ڏيئي ڇڏ.

جيلر: نه نه مونواڻي - مهرباني ڪري فون نه ڪجانءِ.

ڏڳائي الاجي ڇا پيو ڳولهيندو هو. معصوم ٻارن
کان مشڪ موڪلائي وئي - سندن اکين جو آب
پڻ روئي ڪر لاءِ ٻاڏائڻ لڳو. منهنجي دل
ڪنجي وئي. منهنجو جگر چاڪ چاڪ ٿي ويو؟
مان ... چوون وانگر ٻچي ويندو هوس، ٻري...
ٻري .... ٻري! هنن جو دک منهنجي سهڻ کان
ٻري هو. هڪ رات - تمام دير سان مان گهر
موٽيس. سوچيم، سڀ سمهي پيا هوندا، ڪنهن
جي به سوال جو ڪوبه جواب ڏيڻ جي لوڙ
ڪونه ايندي. ٻر گهر ۾ گهڙڻ سان مون ڏٺو....
مون ڏٺو ٻار ڪچهري ڪائي رهيا هئا. جانور ڪٿان
آيا؟ منهنجي دل دک ڪرڻ لڳي. چنپا
کان پڇيم، "جانور ڪٿان آيا؟" چنپا وراڻيو،
"ٻارن جي ٻک مون کان نه سٺي - آخر ڪيستائين
سهان - ماءُ آهيان - پاڙي مان پني ...."

منهنجي خودداريءَ کي ٺوڪر لڳي. مون کي
ٻجهلي وٺي وئي - منهنجي جيڙي - جيءُ منهن
جا ٻار ٻيک ۾ ٺيل جانور کائن؟ نه، نه، ائين
نه. مون ڪچهري ڦٽي ڪرڻ لاءِ ٿالهيءَ ۾ هٿ
وڌو. چنپا مون کي روڪڻ جي ڪوشش
ڪئي - مون چنپا کي وچ مان هٽائڻ جي ڪوشش

ساڌو: ها سائين سڀ ڪجهه ياد اچي ويو- سڀ ڪجهه.
منهنجي به هڪ سنهري دنيا هئي - سادڙي
اچي ۽ جهڙي زال، پيارا پيارا معصوم ٻار ۽
پيڙهي ۾ جو پيار - هڪ ڪارخاني ۾ نوڪري
هئي. پگهار به چڱي هئي. سنجها جو جڏهن مان
گهر ايندو هوس، تڏهن بابي جو سڏ؛ چنپا جي
مشڪ ۽ ٻارن جون ڪلڪاريون ٻڌي سڄي
ڏينهن جي ٿڪاوٽ دور ٿي ويندي هئي،
بدن ۾ تراوت اچي ويندي هئي. پوءِ هڪ
ڏينهن ڪارخاني جي مالڪ ۽ مزورن ۾ جهڳڙو
ٿي پيو. ڏهن ڏينهن جي هڙتال ڪانپوءِ سيٺين
ڪارخاني کي ڪلف هڻي ڇڏيو. بس! ڏکن
ڏاکڙن جا ڏينهن شروع ٿي ويا. هتان ڪان هتي،
هن ڪارخاني کان هن ڪارخاني تائين پنڌ
ڪري ڪري پير ڦٽجي پيا- پر ڪم؟ ڪم
ڪٿي ڪونه مليو. چنپا جا زيور، گهر جو سامان
سڀ ۽ هڪ هڪ ڪري ٻاهر ويو، هن پيٽ جي
اگنيءَ ۾ سواهه ٿي ويا. منهنجي چنپا ڪلي
سڪي ڪنڊا ٿي وئي. اداس ليٽي سان هزارين
سوال پنهنجي نگاهن ۾ کڻي دروازي جي
سهاري بيٺي هوندي هئي. سورداس پيءُ ۽
والدي ۾ ليٽئي ليٽئي آپ ڏانهن تڪڻي

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

١. وشوڀارتي پستڪ ڀنڊار، ايپنڪر روڊ،
سيتابرڊي، ناگپور

٢. هريش ماڻيداساڻي، A ٣٣٦، چوڌري چونڪ،
جري پٽڪا، ناگپور-٤٤٠٠١٤

٣. هريڳوان ناگپال، مينگهراج ڀون، نيون ماڙو،
ليمن نل چونڪ، اِتواري، ناگپور-٤٤٠٠١٨

ڪٽي. اَلاجي ڪيڏي مهل منهنجا ٻئي هٿ هڻجي گئي ۽ وڃي پيا. ٻنهي ۾ ڪشمڪش ٿيڻ لڳي. آخر مان مرد ۽ هوءَ زال ذات - منهنجو زور سهي نه سگهي ۽ منهنجي چنبا مري وئي.

اي مدبرو! اي بزرگو!! مون کي ڦاسي ڏيو - منهنجا هٿ ڪونه ٻڌا پوندو، منهنجا پير ڪونه ٻڌا پوندؤ - مان .... مان پنهنجي هٿن سان ڦاسيءَ جو ڦندو پنهنجي ڳلي ۾ وجهندس. مون کي ڦاسي ڏيو ته مان وڃي پنهنجيءَ چنبا سان گڏجان ۽ ڪيس ٻڌايان ته چنبا - منهنجي مون تنهنجي هٿيا ڪونه ڪئي پر مذهب ۽ قانون ۽ سماج مون کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ۽ جنهن سماج جي ٺيڪيدارن ڪري تنهنجو موت ٿيو، انهن کي سڃاڻندي به ڪڏهن ڦاسي نه ڏني ويندي، ڪڏهن به نه ڏني ويندي، مون کي ڦاسي ڏيو، ڦاسي ڏيو، ڦاسي ڏيو.

جن سرمايدارن ڪري توکي ڦاسا ... پيا

[ڦندو پنهنجي ڳلي ۾ وجهي ٿو.]

جيلر: هٿنگ هم ٽل ٻ يڪ - ڏهه نون اٺ ست ڇهه پنج چار ٽي ٻه هڪ

[پردو ڪري ٿو]





नाटक "हुजेई नाणो त...." में संगीता बुटाणी ऐं किशोर लालवाणी
हीउ नाटक चार दफ़ा पेश कयो वियो ।

In Loving Memory of

Late Shri Daulatram Bhambumal Khemani

★

Kalachand B. Khemani
Gopal D. Khemani
and Khemani family

सिंधी नाटक जिन्दाबाद ।




नाटक "याद कंदा" में हरभगवान नागपाल
ऐं सुन्दर बुटाणो ।

सिंधी नाटक जिन्दाबाद ।



नाटक "याद कंदा" में सुन्दर बुटाणी, हरीश माईदासाणी
एं गोपाल खेमाणी ।



छहें अखिल भारत सिंधी नाटक चटाभेटीअ में "हिक अजीब दास्तान" नाटक खे बेहतरीन नाटक अदाकारी ऐं हिदायतकारिअ जो इनाम मिलयो । उन्हें वक़्त जो हिकु फोटो ।

In loving memory of

Late Shri Dwarkadas Kalyani

A well known Poet & dramatist

1) **Prakash Kalyani**

2) **Rajendra Kalyani**

3) **Anil Kalyani**

4) **Sunil Kalyani**

5) **Sushil Kalyani**

& Kalyani Family



सिंधी एकांकी 'चोर चोर' में हरभगवान
नागपाल ऐं सुन्दर बुटाणी।

Our Sincere thanks to the following for their all out Support and help:-

1. **Doners & Advertisers**
2. **Miss Megha Pande,** M.F.A.
   For Cover Design
3. **Shri Harichand Lalwani**
   for Composing Songs of "Kavi Bewas"

Books Available At—

1) **Harish Maidasani**

At 336, Choudhary Chowk, Jaripatka,
NAGPUR-440 014.

2) **Harbhagwan Nagpal**

Meghraj Bhawan
Tin Nal Chowk,
Itwari, NAGPUR 440 018.



नाटक "कवी बेवस" मे हरीश माईदासाणी एँ
हरभगवान नागपाल ।



نالو: سندر ڀڳوانداس ڀٽائي

سرنامو: ٣٠٠، هنومان نگر.
باغيچي جي نزديڪ،
ناگپور - ٤٤٠٠٠٩

پيشو: سيڪشن آفيسر ۽
اڪائونٽنٽ جنرل آفيس
ناگپور - ٤٤٠٠٠١

جنم: ٢٧-٩-١٩٣٣ ڪراچي

وديا: بي. اي (ناگپور
وشو وديالیه)

ناٽڪ: لکڻ، ترجمو، هدايتڪاري، اداڪاري، ميڪ اپ، پراڊڪشن، سيٽنگ ۽ روشني پربنڌ جي صفن سان گهرو ناتو.
اداڪاري، هدايتڪاري ۽ پراڊڪشن جا شهري توڙي اکل ڀارت سطح تي انعام کٽيل سؤ کان وڌيڪ ناٽڪن دوارا هندي، مراٺي، اردو، انگريزي ۽ ١٠ سالن کان سنڌي ناٽڪن سان خاص ناتو

سنسٿا: ”ڪلاڪار“ جو باني وجهندڙ ۽ چيئرمن

حاصلات: ناگپور جي سنڌي رنگ منچ جو جنم داتا، جنهن سنڌي ناٽڪن لاءِ صادق ڪم ڪيو آهي. سنڌي ناٽڪن جي تواريخ ۾ سندس نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو.

پيش ڪيل ناٽڪ: ياد ڪندا ۽ هڄيني ناٽو نه، هيءُ پيالو من مهنجو (ٽه مصلا) ٽئين هوا، وڪيل واڌومل، هڪ عجيب داستان، ميونسپل ڪائونسلر سوريءَ سڏ ڪيو، ٽيليفون، هيريءَ سنڌي هير، ٽون ٽيليفون، اولاد، چور چور وغيره.